Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com

جلد :11	خميس 24 آگسٽ 2023 ع بمطابق 06 صفر 1445هه	شمارو: 305	قيمت10 روپيا

120 ڏينهن ڪڍهن شروع ٿيندا ان لاءِ دماغ جو استعمال ڪرڻو پوندو آهي، پنج آگسٽ تي اپيل جو فيصلو ٿي ويو، اوهان چئلينج به ڪري ڇڏيو: اعليٰ عدالت

توشاخانا بابت ڪيس جي فيصلي ۾ ٽرائل ڪورٽ غلطيون ڪيون آهن: چيف جسٽس

توشا خانا ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ جو حڪم درست ناهي، جيڪڏهن ڪو فيصلو غلط آهي ته ان ۾ مداخلت ڪري سگهون ٿا

هاءِ ڪورٽ چار آگسٽ تي اوهان جي درخواستن تي فيصلو ڪيو، پنج آگسٽ تي ٽرائل ڪورٽ جي جج همايون دلاور اسان جي خلاف فيصلو ڏئي ڇڏيو: عمران خان جو وڪيل

سيشن عدالت خلاف ڪو اسٽي آرڊر نه هو، ان ڪي فيصلوئي ڪرڻو هو: ٻڌڻي دوران جسٽس جمال مندوخيل جا ريمارڪس

پوءِ قانون ۾ 120 ڏينهن جي حد ڇو ڏني وئي آهي؟ سا سڄي عمر اها تلوار ٽنگيل رهندي؟: وڪيل پي ٽي آءِ چيئرمين

قانون ۾ لکيو آهي ته جڏهن ڊڪليئريشن جي ڪوڙي هجڻ جو پتو پوندو ته ان ڪانپوءِ 120 ڏينهن تائين شڪايت داخل ڪري سگهجي ٿي: جسٽس جمال مندوخيل

اسلام آباد(م ڊ) چيف جسٽس پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال چيو آهي ته توشا خانا ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ جو حڪم درست ناهي، جيڪڏهن ڪو فيصلو غلط آهي ته ان ۾ مداخلت ڪري سگهون ٿا. پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف توشا خانا ڪيس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف ٻڌڻي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ ٿي. ٻڌڻي دوران عمران خان جي وڪيل اسلام آباد هاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پاڪستان ۾ مڪمل امن ۽ استحڪام واپس ايندو: جنرل عاصم منير

دهشتگردن، انهن جي سهولتڪارن ۽ اڪسائيندڙن کي نه ڇڏينداسين: آرمي چيف

شهيد اسان جو فخر آهن، پاڪستان ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ شهيدن جون قربانيون ضايع نه وينديون

دهشتگردن، انهن جي سهولتڪارن ۽ اڪسائيندڙن کي نه ڇڏيو ويندو، انهن کي رياست اڳيان سرينڊر ڪرڻو پوندو

آرمي چيف ڏکڻ وزيرستان جي علائقي آسمان منزه پرسان شيروانگي جو دورو ڪيو، شيروانگي ۾ گذريل ڏينهن 6 سپاهين دهشتگردن جو بهادري سان مقابلو ڪندي شهادت ماڻي هئي

آرمي چيف علائقي ۾ مقرر آفيسرن ۽ فوجين سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ آفيسرن ۽ جوانن جي عزم کي ساراهيو: آءِ ايس پي آر

موجوده انٽيليجنس ۽ دهشتگردي روڪ ڪارروائين تي بريفنگ ڏني وئي، جڏهن ته ڪيس موجوده سيڪيورٽي صورتحال تي به بريف ڪيو ويو

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته دهشتگردن، انهن جي سهولتڪارن ۽ اڪسائيندڙن کي نه ڇڏينداسين. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير ڏکڻ وزيرستان جي علائقي آسمان منزه پرسان شيروانگي جو دورو ڪيو. شيروانگي ۾ گذريل ڏينهن 6 سپاهين دهشتگردن جو بهادري سان مقابلو ڪندي شهادت ماڻي هئي. آءِ ايس پي آر پڌرايو ته آرمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير منزه پرسان شيروانگي جي دوري دوران جوانن سان ڳالهائي رهيو آهي

صدر عارف علوي چونڊن جي تاريخ ڏيڻ لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر کي خط لکي ڇڏيو

صدر عام چونڊن جي تاريخ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر کي سڀاڻي ملاقات جي دعوت ڏني

صدر 9 آگسٽ 2023 تي وزيراعظم جي مشوري تي قومي اسيمبلي کي ٽوڙي ڇڏيو: خط جو متن

آئين جي آرٽيڪل 48(5) جي تحت اسيمبلي ٽٽڻ کان پوءِ عام چونڊن جي تاريخ 90 ڏينهن کان اڳتي نه ٿيڻ گهرجي

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي چونڊن جي تاريخ ڏيڻ لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر کي خط لکي ڇڏيو. ايوان صدر جي پريس ونگ طرفان جاري ڪيل نوٽ موجب صدر ڊاڪٽر عارف علوي چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجه کي خط لکي ڇڏيو آهي. صدر عام چونڊن جي تاريخ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر کي اڄ يا سڀاڻي ملاقات جي دعوت ڏني آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لنڊن: ن ليگ جو قائد مياں نواز شريف لنڊن ۾ صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

شهباز، عمران، فضل الرحمان ۽ آصف زرداري طلب

اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ چيئرمين کي خط لکي 24 آگسٽ تي 2 وڳي دعوت ڏني

اليڪشن ڪميشن مسلم ليگ ن جي صدر شهباز شريف کي 25 آگسٽ تي صبح 11 وڳي طلب ڪري ورتو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن شهباز شريف، پي ٽي آءِ چيئرمين مولانا فضل الرحمان ۽ آصف علي زرداري کي دعوت ڏني. اليڪشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عمران خان برطانوي وڪيل کي پنهنجو ڪيس عالمي ادارن ۾ اٿارڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

ليٽر آف انسٽرڪشن تي سپريم ڪورٽ جي ايڊووڪيٽ اظهر صديق جون به صحيحون ٿيل آهن: ذريعا

مون وٽ ليٽر آف انسٽرڪشن آهي ان کان سواءِ مان اڳيان نٽي وڌي سگهيس: راشد يعقوب

ذولفي بخاري ۽ ٻين پي ٽي آءِ اڳواڻن راشد يعقوب طرفان ڪيس عالمي ادارن ۾ کڻي وڃڻ جي سخت مذمت ڪئي آهي: ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان برطانوي وڪيل راشد يعقوب کي پنهنجو ڪيس عالمي ادارن ۾ اٿارڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. ذريعن موجب ليٽر آف انسٽرڪشن تي سپريم ڪورٽ جي ايڊووڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

عمران خان جي بشريٰ بي بي سان شادي واري خواهش تي تمام گهڻي حيرت ٿي، ڪجهه چئي نه سگهيس: عون چوڌري

مان عمران خان جو ويجهو وفادار دوست هئس هن مون کي بطور فيملي جي ميمبر طور سمجهيو

عمران خان سان گڏ مان ڪيترائي ڀيرا شادي کان اڳ به بشريٰ بي بي سان ملي چڪو هئس هو بني گالا ۾ نه رهندي هئي

عمران خان شادي کان اڳ بشريٰ بي بي سان ملندو رهندو هو، هو چوندو هو ته منهنجو بشريٰ بي بي سان تعلق روحانيت جي حوالي سان آهي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي ويجهي دوست عون چوڌري چيو آهي ته عمران خان جي بشريٰ بي بي سان شادي جي خواهش جو ٻڌي حيران ٿي ويو هئس ۽ عمران کان 15 کان 20 سال ننڍو هئڻ سبب کجهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: پي ٽي آءِ چيئرمين جو ويجهو دوست عون چوڌري نجي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي

مذهبي معاملن وارو کاتو ۽ هيومن رائٽس کي صوبي جي سمورن ضلعن ۾ وڏيڪ فعال بڻائڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران قانون ۽ مذهبي معاملا ۽ انساني حقن کاتن واري وزير بيرسٽر محمد عمر سومرو وزارت جو عهدو سنڀاليندي ئي وڏو اعلان ڪري ڇڏيو مذهبي معاملن وارو کاتو ۽ هيومن رائٽس کي صوبي جي سمورن ضلعن ۾ وڏيڪ فعال بڻائڻ جو فيصلو ڪري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سيڪريٽري اطلاعات نديم الرحمٰن ميمڻ اطلاعات کاتي ۾ وڻڪاري مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو

وڻ اسان جي زندگي ۽ ماحول ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن: سيڪريٽري اطلاعات سنڌ

آب ۽ هوا کي ڪنٽرول ڪرڻ، مٽي جي خاتمي کي روڪڻ ۽ حياتياتي تنوع جي حفاظت ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري نديم الرحمٰن ميمڻ چيو آهي ته وڻ اسان جي زندگي ۽ ماحول ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. اهي ڳالهيون هن فيضان گلوبل ريليف فائونڊيشن جي سهڪار سان اطلاعات کاتي ۾ وڻڪاري مهم جو افتتاح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

جيسين صدر عهدي تي آهي سندس خلاف ڪاروائي نه ٿيندي: مرتضيٰ سولنگي

صدر جيستائين عهدي تي آهي ان خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي سگهي

اسان جي نوجوانن ۽ مقامي ماڻهن بهادري سان ٻارن کي پروفيشنل انداز ۾ بچايو. وزيراعظم مقامي نوجوانن جي بهادري کان آگاهه آهي

جهرانوالا واقعو اوچتو نه ٿيندو آهي، ان جي هڪ تاريخ آهي، جنهن ۾ ملوث ماڻهن کي سزا ملندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سماءَ واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته صدر جنهن ڏينهن ٽوئيٽ ڪيو، ان ڏينهن اسان قانوني موقف واضح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ سماءَ وارو نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي

انٽربئنڪ ۾ ڊالر 300 رپين جي ويجهو پهچي ويو

انٽربئنڪ ڪاروبار بند ٿيڻ تي ڊالر جي قيمت 299 رپيا 9 پيسا هئي

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ 2 رپيا 306 رپيا واڌ ٿي هئي

ڪراچي (رپورٽر) انٽربئنڪ ۾ ڊالر 75 پئسا مهانگو ٿي 299 رپيا 75 پئسا تي وڃي پهتو. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان (ايس بي پي) موجب گذريل ڏينهن انٽربئنڪ ڪاروبار بند ٿيڻ تي ڊالر جي قيمت 299 رپيا 9 پيسا هئي. گذريل ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

نگران وزير محمد يونس ڏاگا جي صدارت هيٺ اجلاس، گهرن جي تعمير بابت جائزو ورتو ويو

لک ٻوڏ متاثر گهرن جي تصديق جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي: محمد يونس ڏاگا

باقي تباهه ٿيل گهرن جي تصديق جو ڪم به جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران ناڻي، روينيو ۽ رٿابندي ۽ ترقي واري صوبائي وزير محمد يونس ڏاگا جي صدارت هيٺ سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهرن جي تعمير جو جائزو وٺڻ وارو اجلاس اڄ رٿابندي ۽ ترقي واري کاتي جي تعلق هائوس ۾ منعقد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جو قتل ڪيس 14 سالن کانپوءِ ري اوپن

سنڌ هاءِ ڪورٽ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو قتل ڪيس خلاف اپيلون منظور ڪندي ٽن هفتن تائين ٻڌڻي مقرر ڪري ڇڏي

شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي ملازم نور محمد 2010 ع ۾ قتل ڪيس جي جوابدارن کي بري ڪرڻ خلاف اپيل داخل ڪرائي هئي

سنڌ هاءِ ڪورٽ درخواست گذار جي اپيل ٻڌڻي لاءِ منظور ڪندي ٽن هفتن بعد ٻڌڻي مقرر ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جو ڪيس 14 ورهين بعد ري اوپن ڪيو ويو. سنڌ هاءِ ڪورٽ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو قتل ڪيس خلاف اپيلون منظور ڪندي ٽن هفتن تائين ٻڌڻي مقرر ڪري ڇڏي. شهيد مير مرتضيٰ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو (فائيل فوٽو)

بٽگرام واقعو: چيئرلفٽ جو مالڪ ۽ آپريٽر گرفتار، ڪيس داخل

الائي ٿاڻي جي پوليس چيئرلفٽ جي مالڪ گل زرين ۽ آپريٽر اعجاز کي گرفتار ڪيو

گرفتاري بعد ٻنهي جي خلاف ڪوتاهي ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو

پشاور (م ڊ) بٽگرام ۾ پيش ايندڙ واقعي تي چيئرلفٽ جي مالڪ ۽ آپريٽر کي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي. الائي ٿاڻي جي پوليس چيئرلفٽ جي مالڪ گل زرين ۽ آپريٽر اعجاز کي گرفتار ڪيو جنهن کان پوءِ ٻنهي جي خلاف ڪوتاهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نگران گهرو وزير ۽ سيڪريٽري جو سي پي او ڪراچي جو دورو

سي پي او جي آمد تي آءِ جي سنڌ ۽ ٻين اعليٰ پوليس آفيسرن سندس آجيان ڪئي

ڊي آءِ جي ايس پي يو سي پيڪ ۽ نان سي پيڪ منصوبن بابت بريفنگ ڏني

ڪراچي (رپورٽر) نگران حڪومت ڏوهن جي روڪٿام، امن امان جي بحالي ۽ عوامي شڪايتن جي ازالي کي اوليت ڏني ٿي. غفلت، لاپرواهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: سنڌ جو نگران گهرو وزير برگيڊيئر ريٽائرڊ حارث نواز سينٽرل پوليس آفيس جي دوري دوران ويٺل آهي

اسٽيبلشمينٽ ڊويزن جو صدر جا حڪم مڃڻ کان انڪار

اسٽيبلشمينٽ ڊويزن به صدر علوي جا حڪم ٽاڙيندي موقف اختيار ڪيو

الزام ثابت ٿيڻ بنا سيڪريٽري کي تبديل نٿو ڪري سگهجي

لاهور (م ڊ) اسٽيبلشمينٽ ڊويزن به صدر عارف علوي جا حڪم مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. ناميارو صحافي معظم فخر جو چوڻ آهي ته صدر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

مونس الاهي خلاف نيب جي رپورٽ پڌري، رشوت سميت سنگين الزام

نيب انڪوائري رپورٽ موجب مونس الاهي ڪرپشن ۽ مني لانڊرنگ ۾ ملوث ثابت ٿيو

پرويز الاهي پنجاب جو وڏو وزير بڻجڻ سان ئي مونس الاهي جي اثاثن ۾ اضافو ٿيو

مونس الاهي (فائيل فوٽو)

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مونس الاهي جي نيب انڪوائري رپورٽ سامهون اچي وئي آهي جنهن ۾ سرڪاري ٺيڪن جي بدلي ۾ ڪرپشن ۽ اسڪينڊل سامهون آيا آهن. نيب انڪوائري رپورٽ موجب مونس الاهي ڪرپشن ۽ مني لانڊرنگ ۾ ملوث ثابت ٿيو آهي. پرويز الاهي پنجاب جو وڏو وزير بڻجڻ سان ئي مونس الاهي جي اثاثن ۾ اضافو ٿيو هن پنهنجي فرنٽ مين عظمت حيات ۽ سهيل اصغر ذريعي ڪانٽريڪٽ لاءِ ڪِڪ بيڪ ورتي. رپورٽ موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اعجاز چوڌري جي جوڊيشل رمانڊ ۾ 13 ڏينهن جي واڌ

جيل پوليس جوڊيشل رمانڊ ختم ٿيڻ تي سينيٽر اعجاز چوڌري کي عدالت ۾ پيش ڪيو

عدالت اعجاز چوڌري جي جوڊيشل رمانڊ ۾ 13 ڏينهن جي واڌ ڪري ڇڏي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) دهشتگردي تڙ عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ اعجاز چوڌري جي جوڊيشل رمانڊ ۾ واڌ ڪري ڇڏي. لاهور جي دهشتگردي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي مان ڀارتي جاسوس پاڪستاني سهولتڪار سوڌو گرفتار

پوليس ۽ ڳجهي اداري لياري جي علائقي ڪلاڪوٽ ۾ گڏيل ڪارروائي ڪئي

جاسوسي ۾ ملوث هڪ ڀارتي جاسوس سميت ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي: پوليس

ڪراچي (م ڊ) ڏکڻ زون جي ڊسٽرڪٽ سٽي پوليس ۽ ڳجهي اداري لياري جي علائقي ڪلاڪوٽ ۾ گڏيل ڪارروائي ڪندي ٻن جوابدارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ميڪسيڪو: ٽرالر ۽ بس ۾ ٽڪر، 16 ڄڻا فوت، 30 زخمي

ميڪسيڪو جي اوڪساڪا هاءِ وي تي بس ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر ٿي پيو

بس حادثي ۾ فوتين جو انگ 16 ٻڌايو ويو آهي جن ۾ 8 مرد ۽ 8 عورتون شامل آهن: اختيارين

ميڪسيڪو سٽي (م ڊ) ميڪسيڪو جي اوڪساڪا هاءِ وي تي بس حادثي جي نتيجي ۾ 16 ڄڻا فوت ۽ 30 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي خبررساں اداري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ نگران وڏي وزير مقبول باقر سان ملاقات ڪري رهيو آهي

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر جي ملاقات

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ڪراچي جي دوري جي موقعي تي وزيراعليٰ هائوس پهتو

ملاقات ۾ سنڌ جي نگران وڏي وزير وزيراعظم کي سنڌ حڪومت جي انتظامي معاملن ۽ نگران حڪومت کي پيش ايندڙ مسئلن کان آگاهي ڏني

ملاقات ۾ ٻوڏ متاثرين جي بحالي ۽ انهن جي گهرن جي تعميرواري منصوبي تي ڳالهيون ڪيون ويون: ترجمان

ڪراچي (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر ملاقات ڪئي آهي. تفصيل موجب نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ڪراچي جي دوري جي موقعي تي وزيراعليٰ هائوس پهتو جتي هن جي سنڌ جي نگران/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪرپشن ۾ ملوث شخص لاءِ چيف جسٽس پنهنجو ڪيريئر داءَ تي لڳائي رهيو آهي: نواز شريف

چيف جسٽس توشا خانا کان القادر ٽرسٽ تائين ڪرپشن ۾ ملوث شخص کي بچائڻ لاءِ سرگرم آهي

چيف جسٽس، عمران خان کي بچائڻ ۾ مصروف آهي، هو ڄاڻي ٿو ته اهو شخص ڪرپٽ آهي

اهو شخص ڌرتي ۾ چوندو هو ته نواز شريف جي ڳچي ۾ رسو وجهي ڪيس ڳِهلي ڪيندس

لنڊن (م ڊ) ن ليگ قائد ۽ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف الزام هنيو آهي ته چيف جسٽس توشا خانا کان القادر ٽرسٽ تائين ڪرپشن ۾ ملوث شخص کي بچائڻ لاءِ سرگرم آهي. لنڊن ۾ صحافين سان ڳالهائيندي نواز شريف چيو ته چيف جسٽس، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

نيپرا بجلي 5 روپيه 40 پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

مالي سال 2022_23 جي چوٿين ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ تي نيپرا ۾ ٻڌڻي ٿي

نيپرا ٽه ماهي ايڊجسمينٽ جي لاءِ بجلي 5 روپيه 40 پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏني

منظوري سال 2022_23 جي چوٿين ٽه ماهي ايڊجسٽمنٽ جي مد ۾ ڏني وئي

اسلام آباد (م ڊ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگوليٽري اٿارٽي (نيپرا) بجلي 5 روپيه 40 پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. مالي سال 2022_23 جي چوٿين ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ تي نيپرا ۾ ٻڌڻي ٿي. نيپرا ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لڪي مروت: پئسن جي ڏيتي ليتي تان ٻن ڌرين ۾ فائرنگ، 4 ڄڻا مارجي ويا

ٻن ڌرين ۾ فائرنگ جو واقعو لڪي مروت جي علائقي لنديوا ۾ پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا

جهيڙو پئسن جي ڏيتي ليتي تان ٿيو آهي. مارجي ويلن جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي: پوليس

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن، علائقي ۾ صورتحال ڇڪتاڻ واري آهي

لڪي مروت (م ڊ) لڪي مروت ۾ ٻن ڌرين ۾ ڏيتي ليتي جي معاملي تان فائرنگ جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا آهن. پوليس موجب ٻن ڌرين ۾ فائرنگ جو واقعو لڪي مروت جي علائقي لنديوا ۾ پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ ۾ ڪرپشن ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون جي شروعات

سنڌ ۾ ڪرپشن ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون ٿيندو: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري

وزيراعظم خاطري ڪرائي آهي ته ڪراچي مان اسٽريٽ ڪرائيم جي خاتمي تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو

شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ڪري سگهندڙ پوليس آفيسرز کي هٽايو وڃي

ڪراچي: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري دعويٰ ڪئي آهي ته سنڌ ۾ ڪرپشن ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون ٿيندو. ايندڙ ڪجهه ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪاهن جي علائقي ۾ گٽر ۾ ڪِرڻ سبب ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا

لاهور (م ڊ) ڪاهن جي علائقي ۾ گٽر ۾ ڪِرڻ سبب ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا. پوليس موجب رنگ روڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

وياج جو ڪاروبار، سنڌ هاءِ ڪورٽ وڏو حڪم ڏئي ڇڏيو

آءِ جي ۽ گهرو کاتي کي 26 سيپٽمبر تائين رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت

عدالت سڄي صوبي ۾ وياج جي ڪاروبار سان سلهاڙيل ماڻهن خلاف ڪريڪ ڊائون جو حڪم ڏنو

ٻن مهينن ۾ "دي سنڌ پروهيبيشن آف انٽرسٽ آن پرائيويٽ لون ايڪٽ" جا رولز ٺاهڻ جو به حڪم

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ صوبي ۾ وياج جي ڪاروبار سان سلهاڙيل ماڻهن خلاف ڪريڪ ڊائون جو حڪم ڏيندي آءِ جي ۽ گهرو کاتي کي 26 سيپٽمبر تائين رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ وياج جي ڪاروبار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

عارف علوي جا ڏينهن پورا، صادق سنجراڻي ۽ راجا پرويز اشرف صدر ٿيڻ لاءِ سرگرم

لاهور (م ڊ) صدر علوي استعيفا ڏيندو يا علاج بهاني پرڏيهه وڃي سگهي ٿو ان کان علاوه ان وٽ ڪو به رستو نه بچيو آهي. چوته صدر علوي ملڪ جي انتهائي اهم عهدي تي ويهي سياست ڪئي آهي. ان ڪري سندس خلاف به سياست ٿيندي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

پ پ نگران وزيراعظم کي پنهنجن خدشن کان آگاهه ڪيو: نثار کهڙو

نگران وزيراعظم سان ملاقات ڪري معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

نگران وزيراعظم پ پ وفد کي يقين ڏياريو آهي ته ترقياتي منصوبا بند نه ڪيا ويندا

نگران وزيراعظم کي ٻڌايو ته سنڌ جي ڪيترن ئي اعليٰ آفيسرن کي عهدن تان هٽايو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي سينيٽر نثار کهڙو چيو آهي ته نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کي ملاقات ۾ خدشن کان آگاهه ڪرڻ گهرجي. ڪراچي جي بلاول هائوس ميڊيا سيل ۾ سعيد غني سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي نثار کهڙو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: پيپلز پارٽي جو سينيٽر نثار کهڙو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

مٽياري ضلعي ۾ پندرنهن ڏينهن لاءِ 144 قلم لاڳو ڪيو ويو

مٽياري (رپورٽر) شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي عرس مبارڪ جي حوالي سان مٽياري ضلعي ۾ پندرنهن ڏينهن لاءِ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي. حيدرآباد جي ڪمشنر بلال احمد ميمڻ پاران شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي عرس جي موقعي تي مٽياري ضلعي ۾ پندرنهن ڏينهن لاءِ 144 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

مانجهند مان 20 ڏينهن اڳ عيوضي ۾ ڪنيل عورت جي آزادي لاءِ احتجاج جاري

شهر جي تاريخ ۾ پهرين پيرو ياسمين ٽيبو جي اڳواڻي ۾ عورتن جي علامتي بک هڙتال، نواب شاهه ۽ جامشورو پوليس خلاف نعريبازي

پوليس باٿرن جي ونگار وهندي عورت کي بنا ڏوهه جي قيد ڪيو ويٺي آهي جيڪو انساني حقن جي خلاف ورزي آهي : ياسمين ٽيبو

سياٽي انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪرڻ واري سڏ کي ڀرپور موٽ ڏيندي سوين عورت ڪارڪنن سان گڏ ڌرڻي ۾ شريڪ ٿينداسين

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند مان 20 ڏينهن اڳ عيوضي ۾ ڪنيل عورت جي آزادي لاءِ شهر جي تاريخ ۾ پهرين پيرو ياسمين ٽيبو جي اڳواڻي ۾ عورتن جي علامتي بک هڙتال نواب شاهه ۽ جامشورو پوليس خلاف نعريبازي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

مانجهند : ڪنيي گر ڪيل عورت جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سيٺارجا پرسان پورهيت غلام علي
هيسباڻي کي جهنگلي جانور اوچتو
حملو ڪري زخمي ڪري وڌو

سيٺارجا(رپورٽ) سيٺارجا پرسان ڳوٺ ڪوڙو خان هيسباڻي ۾ زمين تي ويل پورهيت غلام علي هيسباڻي کي جهنگلي جانور اوچتو حملو ڪري زخمي ڪري وڌو جنهن کي وارثن پاران سرڪاري اسپتال سيٺارجا آندو ويو جتي کيس طبي امداد پڻ ڏني وئي، ان حوالي سان زخمي پورهيت اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته علائقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز ۾ هيندس جي مانيٽرنگ آفيسر جي سول اسپتال مان موٽرسائيڪل چوري

پوليس جي موجودگي ۾ منهنجي موٽرسائيڪل نامعلوم چاٻي چور ڪاهي ويا آهن : اختر لاشاري

پوليس بدامني تي ڪنٽرول ڪرائڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي، نوٽيس ورتو وڃي

نوشهروفيروز) رپورٽ منظور ملڪ(نوشهروفيروز ۾ هيندس اين جي اوز جي مانيٽرنگ آفيسر اختر حسين لاشاري جي سول اسپتال نوشهروفيروز مان ڏينهن ڏٺي جو موٽرسائيڪل چوري سماجي اڳواڻ اختر حسين لاشاري پريس ڪلب نوشهروفيروز پهچي صحافين کي ٻڌايو ته مان سول اسپتال ۾ غريب ۽ بي پهچ عورتن کي ڊليوري دوران مفت ايمبولينس فراهم ڪرڻ جي سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي سڏ تي مذهبي، ڪاروباري، سياسي، سماجي، ادبي تنظيمن ۽ شهرين سميت ٻين احتجاج ڪيو ويو

جاڪوڙي بيباڪ بهادر صحافي جي قتل واقعي کي 10 ڏينهن گذري ويا آهن بزدل قاتلن کي پوليس گرفتار ڪري نه سگهي آهي : مظاهرين

قلم ڌڻين کي سچ لکڻ تي خون ڪيو پيو وڃي، سنڌ ۾ ٿورڙي عرصي اندر ڪيترائي صحافي قتل ڪيا ويا آهن، واهر ڪئي وڃي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي)دادو ۾ سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي سڏ تي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل واقعي خلاف رڏي انگ ۾ صحافين ۽ دادو جي مذهبي ڪاروباري سياسي سماجي ادبي تنظيمن شهرين سميت دادو پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل واقعي خلاف دادو پريس ڪلب کان احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل دادو
دادو : صحافي جان محمد جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ڊائريڪٽر ايجوڪيشن
آفيس ڪرپشن جي ور چڙهي
وئي، اختياريون خاموش

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ڊائريڪٽر ايجوڪيشن آفيس ڪرپشن جي ور چڙهي وئي، سکر ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ۽ ڊسٽرڪ ايجوڪيشن ڪلرڪس ۽ سنڌ سيڪريٽريٽ جي سيڪشن آفيسر 2جو ڪنيجوڙ جو انڪشاف، ڪرپشن عيوض سٺيي پوسٽن تي من پسند ٽيچرس هيڊ مسٽريس ۽ تعلقه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

غوثپور پوليس پاران مغوين الله رکيو قمبراڻي ۽ فاروق قمبراڻي جي بازيابي لاءِ آپريشن جاري

پوليس ۽ ڌاڙيلن وچم اينٽي ايئر ڪرافٽ گن راڪيٽ لانچر توڙي ماٽر گن جو پڻ استعمال ڪيو پيو وڃي : ايس ايس پي

فائرنگ سبب پوليس آر ڊي 219 پل کان دراني مهر ٿاڻي تائين رستا سيل ڪري پوليس ڌاڙيلن سان مقابلو ڪري رهي آهي

مغوين جي بازيابي 65 ۽ روپوش جوابدارن جي زنده يا وري مرده گرفتاري تائين پوليس جو آپريشن ڪي جاري رکيو ويندو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ايس ايس پي ڪشمور امجد احمد شيخ جي اڳواڻي ۾ ڪشمور ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس جو دراني مهر ۽ دردا پوليس چيڪ پوسٽ واري علائقي ۾ گهربل جوابدارن جي گرفتاري ۽ مغوين الله رکيو قمبراڻي ۽ فاروق قمبراڻي جي بازيابي لاءِ پوليس جو آپريشن گنڊريل ڇهن ڪلاڪن کان جاري آهي، 6 ڪلاڪن کان مسلسل پوليس ۽ ڌاڙيلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو ميونسپل ڪاميٽي جي ڪامورن پاران ميينا لکين روپيه ماهوار ڪرپشن ڪرڻ جو انڪشاف

ميونسپل يونين اڳواڻن صدر مرتضيٰ پنڀر، زمان الله پنهور، منظور سولنگي پريس ڪانفرنس ڪندي ڪامورن جا پول پڌرا ڪري ڇڏيا

130 ملازمن جون پگهارون بند ڪرڻ ۽ 50 کان وڌيڪ ملازمن جي پگهارن مان ڪٽوتي تي ميونسپل يونين آفيس جي تالا بندي جي ڌمڪي

ملازمن جون پگهارون ڪٽوتي ڪيون ويون آهن، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي : مرتضيٰ پنڀر/ زمان پنهور/ منظور سولنگي

دادو(ن سنڌيار) دادو ميونسپل ڪاميٽي جي ڪامورن پاران ميينا لکين روپيه ماهوار ڪرپشن ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ميونسپل يونين اڳواڻن صدر مرتضيٰ پنڀر/ زمان پنهور/ منظور سولنگي دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو : مرتضيٰ پنڀر/ زمان پنهور/ منظور سولنگي ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

پاڪ فوج ۾ ڀرتين جو سلسلو جاري آهي، خواهشمند
نوجوان مقرر ڪيل سينٽرن تي پهچي ڀرتي ڪرائي
ملڪ ۽ قوم جي بهتر خدمت ڪن : پڌرائي

ٺٽو(د ر) پاڪ آرمي ڀرتي ٽيم ٺٽو ۽ سجاول جي انچارج وريام خان بلوچ ٻڌايو ڪيو آهي ته پاڪ فوج ۾ ڀرتين جو سلسلو جاري آهي، ان سلسلي ۾ ٺٽي ضلعي جي پڙهيل نوجوانن کي 25 آگسٽ جمعي جي ڏينهن صبح جو ميونسپل ڪميٽي ٺٽو ۽ سجاول ضلعي جي نوجوانن کي 26 آگسٽ تي صبح جو ڊگري ڪاليج سجاول سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

جمعيت علماءِ اسلام سکر ۽ لاڙڪاڻي جي چونڊ جائز ڪاميٽي جو اجلاس

مولانا محمد صالح انڍڙ، مولانا سعود افضل هاليجوي ۽ مولانا عبدالله مهر ۽ ٻين ميمبر طور شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ سمورن تڪن جي فهرست تجويز ڪري صوبائي جماعت کي پيش ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو

جميعت علماءِ اسلام هميشه کان عالمي قوتن جي خلاف جنگ وڙهي رهي آهي : مولانا ناصر خالد محمود سومرو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) جمعيت علماء اسلام سکر ۽ لاڙڪاڻي جي چونڊ جائز ڪاميٽي جو اجلاس سکر ريجن اليڪشن ڪميٽي جي سربراهه مولانا ناصر خالد محمود سومرو جي صدارت هيٺ جامعه اسلاميه لاڙڪاڻو جي ڪانفرنس هال ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ مولانا محمد صالح انڍڙ، مولانا سعود افضل هاليجوي ۽ مولانا عبدالله مهر ۽ ٻين ميمبر طور شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سکر ريجن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر ۾ پنوعاقل جي ڳوٺ چاڪر قلپوٽو جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ڪجهه ڏينهن اڳ خيرپور جي رهواسي قيوم قلپوٽو کي هٿياربندن گولين هڻي قتل ڪيو هو : مظاهرين

بااثر جوابدار بلاجواز تنگ ڪندي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) پنوعاقل جي ڳوٺ چاڪر قلپوٽو جي رهواسي قلپوٽو برادري جي ماڻهن پاران قتل جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف سکر پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو ويو، ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ رجب علي، مسمات پناهه خاتون، اسحاق ۽ ٻين ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ خيرپور جي رهواسي قيوم قلپوٽو کي هٿياربندن گولين هڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر : پنوعاقل جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنري ۾ پلاٽ جي تڪرار ۽ قبضو ڪرڻ واري
ڪيس ۾ هڪ عورت سميت چئن ڄڻن کي هڪ-
هڪ سال قيد 30/30 هزار رپيا ڏنڊ جي سزا

عمرڪوٽ(رپورٽر) ڪنري جي نظير آرائين جي فرياد تي ته پلاٽ تي زوري، قبضو ڪرڻ واري ڪيس ۾ جوڊيشنل مئجسٽريٽ سول جج نمبر 1 عمرڪوٽ جي عدالت ڪيس هلائي پلاٽ تي قبضو ثابت ٿيڻ بعد هڪ عورت مسمات پروين غلام حسين سميت چئن ڄڻن تي هڪ هڪ سال قيد ۽ 30/30 هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائڻ بعد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

عمرڪوٽ ۾ ڊسٽرڪٽ لٽيگيشن ڪميٽي جي حوالي سان اجلاس

اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون سهيل احمد سومرو، ايس ايس پي اعجاز احمد شيخ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سمورن ڪاتن جي ڪيسن جي پيروي سرڪاري ۽ عوامي مفادن جي بنيادن تي ڪئي وڃي : ڊپٽي ڪمشنر

سمورن ڪيسن ۾ وقت سر جواب داخل ڪرايو وڃي، قبضي خلاف اينٽي انڪروچمينٽ سيل کي درخواست داخل ڪرائي وڃي

عمرڪوٽ(رپورٽر) هائي ڪورٽ سنڌ سميت سمورن ڪورٽ سڳورين ۾ هلندڙ ضلعي عمرڪوٽ جي سمورن ڪاتن جي ڪيسن جي پيروي سرڪاري ۽ عوامي مفادن جي بنيادن تي ڪئي وڃي. اهڙين خيالن جو اظهار ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ نويد الرحمان لاڙڪ پاران ڊپٽي ڪمشنر آفيس عمرڪوٽ جي دربار هال ۾ ڊسٽرڪٽ لٽيگيشن ڪميٽي جي حوالي سان ڪوٺايل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

هي ڪيس صرف فاطمه جو ناهي پر هر باشعور جو آهي : سهيل اختر عباسي

اسان انتظاميه کي چونداسين ته هن واقعي کي سنجيدگي سان ورتو وڃي

قتل ۾ ملوث سيني جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ نوشهروفيروز جي چيئرمين سهيل اختر عباسي پارٽي جي وفد سميت خانواهڻ ڳوٺ محمد علي ڦرڙو پهچي زيادتي بعد بيدردي سان قتل ڪيل معصوم نياڻي فاطم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دڙو ۾ 12 لک روپيه ڦر ڪندڙ جوابدارن جي سي سي ٽي وي فوٽيج هٿ

پوليس جوابدارن جي سڃاڻپ ٿيڻ باوجود جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام

معاملي جو نوٽيس وٺي ڦر ۾ ملوث جوابدارن کي فورن گرفتار ڪري انصاف ڏنو وڃي : متاثر

دڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ)دڙو ۾ هٿياربندن هٿان ڳوناٽي کان 12 لک روپين جي ڦر واردات ۾ ملوث جوابدارن جي سي سي ٽي وي فوٽيج ملي وئي، جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته ڦر جو نشانو بڻيل ڳوناٽو الهڏنو ڳگو اڳيان وڃي رهيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

PRESS CLUB DARRO
BBC NEWS
CNN
دڙو : ڦر واقعي جا متاثر پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سکر جي علائقي آباد لاکو جي رهواسين پاران احتجاج

جوابدار ڌيءَ کي اغوا ڪري وٺي ويا ۽ زيادتي جي ڪوشش ڪئي : لطف الله لاکو

بااثر جوابدار سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي علائقي آباد لاکو جي رهواسي لطف الله لاکو پنهنجي گهرواري بينظير خاتون، ڌيءُ مائره، سائره/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽي ۾ پ ٽ الف جي عهديدارن ۽ استادن سان هڪ غير رسمي گڏجاڻي

ڪوٺايل گڏجاڻي ۾ سينيارٽي سميت ٻين اهم مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

مغل احسان ميمڻ تعلقي عهديدار اڪبر بلوچ، دلمراد ڪلمتي، محمد علي شر ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ٺٽو(د ر) پ ٽ الف سنڌ جي مرڪزي صدر غلام رسول مهر ۽ پ ٽ الف سنڌ جي مرڪزي خزانچي شڪرو سارنگ ٺٽي پهچي پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جي عهديدارن ۽ استادن سان هڪ غير رسمي گڏجاڻي ڪئي، جنهن ۾ تنظيم جي صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز : نياڻي فاطمه جي وارثن وٽ ابرار شاهه هڪ دفعو وري پهچي ويو

نياڻي جو ناحق قتل لوڙهڻ ۽ وحشي قاتل اسد شاهه کي بچائڻ جون ڪوششون جاري

وارث پنهنجي ڳالهه تي اٽل، اسد شاهه جي ڳچيءَ ۾ ڦاهيءَ جو ڦندو وجهڻ چاهيون ٿا : رهواسي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)معصوم نياڻي فاطمه جي امڙ جي پير آف هالائي سيد ابرار شاهه هڪ دفعو وري پهچي ويو شهيد نياڻي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز: نياڻي فاطمه جي وارثن سان سيد ابرار شاهه ۽ ٻيا ڳالهائي رهيا آهن

سنڌ تي ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڌاڙيلن جو قبضو آهي : گل حسن ڪوسو

پوليس جي ناقص ڪارڪردگي سبب سنڌ جي سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ بدامني وڌي رهي آهي

صحافي جان محمد مهر ۽ راڻيپور ۾ معصوم نينگري فاطمه جو قتل به ان ئي راڄ جو نتيجو آهي

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان مسلم ليگ ن سکر ضلعي جي اطلاعات سيڪريٽري گل حسن ڪوسو چيو آهي ته سنڌ تي ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڌاڙيلن جو قبضو آهي، پوليس جي ناقص ڪارڪردگي سبب سنڌ جي سمورن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

وارهه ۾ مرڪنڊ ايسوسيئيشن جو اڳواڻ امام بخش مرڪنڊ پريس ڪلب پهتو

بااثرن منهنجي پٽ مٿان حملو ڪري لٺيون هڻي ڪيس زخمي ڪري وڌو آهي : امام بخش مرڪنڊ

اسان فقرائي ماڻهون آهيون اسان سان بيگناهه بيواجبي ڪئي وئي آهي، انصاف ڏياريو وڃي

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه پرسان ڳوٺ غازي خان مرڪنڊ جي رهواسي مرڪنڊ ايسوسيئيشن جي مرڪزي اڳواڻ امام بخش مرڪنڊ پاران پنهنجي پٽ مهراڻ خان مرڪنڊ سان گڏجي تعلقه پريس ڪلب وارهه تي پريس ڪانفرنس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

محمد بخش مرڪنڊ
روستم جانڊيو
وارهه : مرڪنڊ ايسوسيئيشن جي مرڪزي اڳواڻ امام بخش مرڪنڊ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

خانپور مهر پرسان شهيد فوجي جوان جو مڙهه اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي

نوجوان جيئند منگي جو مڙهه وزيرستان کان اباڻي ڳوٺ پهچايو ويو

نوجوان جيئند وانا وزيرستان ۾ دشمنن سان مهاڏو اٽڪائيندي شهيد ٿي ويو هو

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر واسي وزيرستان واري علائقي ۾ دهشتگردن سان مهاڏو اٽڪائيندي شهيد ٿي ويل فوجي جوان جو مڙهه فوجي اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. خبرموجب خانپورمهر ويجهو ڳوٺ گلبهار منگي واسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪڪڙ ۽ ڀرپاسي مان امن جو پکي اڏامي ويو

پوليس اگهور ننڊ ستل، چوريون روز جو معمول بڻجي ويون

چور ٻن دڪانن جي ڇت تي ويل پنج سولر پليٽون چوري ڪري کڻي ويا

ڪڪڙ(رپورٽ) ڪڪڙ ۽ ڀرپاسي مان امن جو پکي اڏامي ويو. پوليس اگهور ننڊ ستل چوريون روز جو معمول بڻجي ويون نامعلوم چور گشتي پوليس اهلڪارن ۽ چوڪيدارن هوندي وچ شهر مان پ پ پ ضلع ڪائونسل ميمبر وڏيرو ضياءُ الدين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٺٽي ۾ ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو ملاح جي شهيد پٽ جي 15 هين ورسي تقريب

وڏيرو محمد عرس گندرو، محمد ايوب ملاح سميت گندرا برادري جي ماڻهن شرڪت ڪئي

15 سال اڳ ڪراچي يونيورسٽي ۾ تعليم پرائيندي دهشتگردن گوليون هڻي شهيد ڪري ڇڏيو هو

ٺٽو(د ر) ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو ملاح جي شهيد پٽ اسامه آدم گندرو جي 15 هين ورسي جي سلسلي ۾ هڪ گڏجاڻي مڪلي بائي پاس لڳ ڳوٺ وڏيرو محمد عرس گندرو ۾ ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو جي صدارت ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺٽو : ورسي تقريب دوران اڳواڻ ويٺل آهن

بدين ۾ پوليو بابت ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان جي صدارت هيٺ اهم گڏجاڻي

گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ظهيرالدين ميمڻ، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر دين محمد ڏيرو ۽ ٻين اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي

ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ اين جي اوز سان گڏجي شهري توڙي ڳوٺاڻن علائقن ۾ حفاظتي ٽڪن بابت ماڻهن کي آگاهي ڏني وڃي : ڊپٽي ڪمشنر

سمورا شهري ۽ والدين مهم ۾ صحت کاتي سان سهڪار ڪن ۽ موذي بيمارين کان بچاءَ لاءِ پنهنجن ٻارڙن کي حفاظتي ٽڪا ضرور لڳرائن

بدين رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) صحت کاتي پاران 28 آگسٽ کان 9 سيپٽمبر تائين ضلعي ۾ انٽيگريٽيڊ آئوٽريچ ايڪٽوٽي (آئي او اي) نالي سان مهم شروع ٿي رهي آهي جنهن ۾ جم کان 5 سالن تائين جي ٻارڙن ۽ ڳوهاري عورتن کي حفاظتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين : ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سجاول ۾ تعليمي ادارن
تباهه حالي جو شڪار،
ٻارن جي تعليم متاثر

سجاول (رپورٽر)سجاول ۾ تعليمي ادارن تباهه حالي جو شڪار، سوين اسڪولن جون عمارتون زبون حال، ۽ بنيادي سهولتون نه هئڻ سان گڏ ڪيترا اسڪول بند هئڻ ڪري هزارين جي تعداد ۾ ٻارڙا تعليم جي زيور کان محروم بڻيل. سجاول ويجهو پرائمري اسڪول عبدالرشيد ماڇي جي عمارت زبون حال هئڻ ڪري 60 کان مٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

خانواهڻ ۾ نينگري فاطمه ڦرڙو جي واقعي خلاف احتجاجي ريلي

فاطمه ڦرڙو جي ڪيس ۾ گهربل مڙني جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي : مظاهرين

هر محاذ تي فاطمه جي وارثن سان گڏ بيٺل هونداسين ۽ سنڌن سهائتا ڪئي ويندي

خانواهڻ(رپورٽ :عاجز امتياز نوح پوٽو) راڻيپور جي پيراڻي گاديءَ جي حويلي ۾ تشدد بعد بيدردي سان قتل ڪيل خانواهڻ پرسان ڳوٺ علي محمد ڦرڙو جي رهواسڻ 10 ڏهن ورهين جي نينگري فاطمه ڦرڙو جي واقعي خلاف شهرين ۽ مختلف سماجي تنظيمن جي سڏ تي خانواهڻ شاخ کان پريس ڪلب تائين 2 ڪلوميٽر احتجاج ڪيو ويو جتي اڳواڻن ذوالفقار علي راجا سهتو،نور / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

گلاب لغاري ۾ عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ڇاپا

اسسٽنٽ ڪمشنر پرديپ ڪمار لوهاڻو جي پيٽرول پمپ ايجنسي تي ڇاپو هڻي چڪاس ڪئي

ڇاپن دوران اي سي پاران پيٽرول پمپ سيل ڪري مٿن ڪيس داخل ڪرڻ جي وارننگ ڏني وئي

ماپ ۽ تور صحيح ڪري سرڪار پاران مقرر ڪيل اگهه تي پيٽرول فروخت ڪيو وڃي : اي سي

گلاب لغاري(رپورٽر گلزار لغاري) گلاب لغاري ۾ عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر چمبڙ آصف علي ڪوراڻي ماپ ۽ تور واري کاتي جي انسپيڪٽر خادم حسين جوکيو سان گڏجي پرديپ ڪمار لوهاڻو جي پيٽرول پمپ ايجنسي تي اوچتو ڇاپو هڻي چڪاس ڪئي جنهن ۾ صارفين کي في لٽر تي ٽيرنهن 13 ايم ايل پيٽرول گهٽ ڏيڻ ۽ في لٽر پيٽرول جي مقرر ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

گلاب لغاري : اسسٽنٽ ڪمشنر آصف علي ڪوراڻي چڪاس ڪري رهيو آهي

سکر ضلعي سميت سنڌ جي
ڪيترن ئي شهرن ۾ خطرناڪ
وبائي بيماري پکڙجي وئي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ضلعي سميت سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ خطرناڪ وبائي بيماري پکڙجي وئي آهي، جنهن بخار جي لاءِ ڊاڪٽر چون ٿا ته ميريا هوندي ٽائيفائيڊ هوندي پر ٽيسٽ ۾ ظاهر نٿي ٿئي. نجي اسپتالن ۾ ڊاڪٽر علاج مليريا وارو ڪرڻ سان گڏوگڏ گلوڪوز واريون ڊريون هڻي غريب مريضن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

جيڪب آباد : مبينا پوليس مقابلي ۾ قتل ٿيل صدام لاشاري جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي

عدالت ۾ صدام لاشاري کي هوٽل تان کڻڻ ۽ سندس ٿاڻي ۾ ملاقات ڪندڙ شاهدن جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا

الزام هيٺ آيل ايس ايڇ اوز جو وڪيل اطهر عباس پاران ڪيس بابت تيار نه ڪرڻ جو سبب ڄاڻايو

ٻڌڻي دوران ڳالهين بعد عدالت پاران ٻڌڻي پهرين سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

جيڪب آباد(رپورٽر) 3 مهينا اڳ جيڪب آباد پرسان آباد ٿاڻي جي حد چند شاخ ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ قتل ٿيل ٺل واسي صدام لاشاري جي قتل جي جاچ لاءِ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج جيڪب آباد عبدالغفور ڪلهوڙو جي عدالت ۾ ٻڌڻي ٿي جنهن ۾ صدام لاشاري جي ڀيڻ حسينا لاشاري،شاهدن عبدالوحيد،مير محمد،بلاول،مشتاق،وڪيل روشن ڪندراڻي، وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

جهنڊو پرسان گرلز پرائمري اسڪول جي بند هجڻ جو تعليم کاتي نوٽيس وٺي ڇڏيو

اسڪول غير فعال ڪري بند ڪرڻ وارو معاملي جي ميڊيا ۾ آيل خبرن بعد تعليم کاتو حرڪت ۾ اچي ويو

ٽي اي او فيميل شازيا سليم جٽ اسڪول پهچي تدريسي عمل بحال ڪرائي ماسترياڻي مقرر ڪري ڇڏي

نياڻين جي تعليم متاثر ٿيڻ بابت هليل خبرن بعد اسڪول ۾ ماسترياڻي مقرر ڪري ڇڏي آهي : شازيا سليم جٽ

جهنڊو(رپورٽر)جهنڊو پرسان گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول اهوري کي تعليم کاتي جي اختيارين پاران غير فعال ڪري بند ڪرڻ وارو معاملي جي ميڊيا ۾ آيل خبرن بعد تعليم کاتو حرڪت ۾ اچي ويو ٽي اي او فيميل جهنڊو شازيا سليم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

جهنڊو : ٻارڙيون اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪري رهيون آهن

ميرپورماٿيلو ۾ پرائمري اسڪول
ڪمال خان مشوري جي شاگردن
پاران احتجاجي مظاهرو

گهوٽڪي(رپورٽر) ميرپورماٿيلو ۾ پرائمري اسڪول ڪمال خان مشوري جي شاگردن پاران ڊي او پرائمري جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو، اسان جي اسڪول ۾ 3 سئو کان وڌيڪ ٻارڙا تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، پر هتي صرف 2 استاد آهن جنهن سبب ٻارڙا تعليم نه ٿا حاصل ڪري سگهن، استاد مقرر ڪري گلڙن جهڙن ٻارڙن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

لاڙڪاڻي جي باشعور نوجوان شاگردن پاران نينگري فاطمه جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

نوجوانن محمد انور بروهي، سرتاج احمد جتوئي، نادر علي سولنگي، عرفان علي پٽو، عبدالسيع جتوئي، لياقت ميراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

راڻيپور ۾ 10 سالن جي نينگري فاطمه ڦرڙو کي جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻائي بيدرديءَ سان قتل ڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين جون ڏانهون

اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ قدم کڻي معصوم نياڻين جي زندگين کي محفوظ بڻايو وڃي ٻئي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي جي باشعور نوجوان شاگردن پاران راڻي پور ۾ معصوم نينگري فاطمه جي قتل واري خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان پهتي جتي هٿن هٿن ۾ فاطمه جي تصويرن وارا پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي نوجوانن محمد انور بروهي، سرتاج احمد جتوئي، نادر علي سولنگي، عرفان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊو محمد خان جي سرڪاري، نيم سرڪاري ادارن ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيارڻ لاءِ گڏجاڻي

ٽنهي تعلقن ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو غلام حيدر ۽ بلڙي شاهه ڪريم جي سياسي سماجي ڌرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ ضلعي جي پڙهيل لکيل نوجوانن کي روزگار نه ڏيڻ نظرانداز ڪرڻ تي جدوجهد ڪرڻ تي اتفاق

اسان ضلعي اندر هڪ سگهاري ڪاميٽي جوڙي رهيا آهيون جنهن کي جلد کان جلد رجسٽرڊ ڪرايو ويندو : احمد سعيد جان سرهندي

ٽنڊو محمد خان(ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي سياسي سماجي شخصيت پير احمد سعيد جان سرهندي جي رهائشگاهه تي ٽنڊو محمد خان جي سرڪاري ، نيم سرڪاري ادارن ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيارڻ لاءِ گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ضلعي جي ٽنهي تعلقن ٽنڊو محمد خان ، ٽنڊو غلام حيدر ۽ بلڙي شاهه ڪريم جي سياسي سماجي ڌرين وڏي انگ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊو محمد خان : گڏجاڻي دوران اڳواڻ ويٺل آهن

خيرپور ۾ محمد صالح
شنباڻي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ
خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور(د ر)خيرپور شاهه لطيف ٿاڻي جي حد ۾ 7 ڏينهن اڳ قتل ٿي ويل محمد صالح شنباڻي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف مرحوم محمد صالح شنباڻي جون ننڍڙيون نياڻيون ۽ معصوم پٽ ۽ امڙ قرآن پاڪ کڻي احتجاج ڪري قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو عبرتناڪ سزا ڏني اسان سان انصاف ڪيو وڃي تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ميرپورماٿيلو ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس ۾ محتسب اعليٰ جي کلي ڪچهري منعقد

کلي ڪچهري دوران مختلف کاتن جي ملازمن اڪائونٽ آفيسر خلاف شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا

اڪائونٽ آفيسر پنهنجا ايجنٽ ويهاري ڇڏيا آهن جيڪي هر جائز ڪم لاءِ ڪميشن گهرن ٿا : شهري

ڪرپشن جي ماسٽر مائينڊ سرفراز اعوان کي فوري طور تي هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪيا وڃن

گهوٽڪي(رپورٽر) ميرپورماٿيلو ۾ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس ۾ محتسب اعليٰ جي کلي ڪچهري منعقد مختلف کاتن جي ملازمن اڪائونٽ آفيسر خلاف شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا اڪائونٽ آفيسر پنهنجا ايجنٽ ويهاري ڇڏيا آهن جيڪي هر جائز ڪم لاءِ ڪميشن گهرن ٿا شهرين جون ميڊيا آڏو ڏانهون تفصيل موجب گذريل ڏينهن صوبائي محتسب اعليٰ اعجاز علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

❊❊❊ روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي❊❊❊ رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 24 آگسٽ 2023ع

اصل مسئلو آهي گورننس جو!

هونئن ته حڪمراني جي 'ديڳ' جو سڄي ملڪ ۾ ذائقو هڪ جهڙو آهي پر سڄي ملڪ کان سنڌ جي حڪمراني 'وکري' ۽ ان جو انداز 'اور' رهيو آهي. ڏيڍ ڏهاڪي جي جمهوري دور ۾ حڪمرانيءَ کي يا ته دلپشوري سمجهيو ويو آهي يا وري 'بادشاهي'. اهوئي سبب آهي جو هتي گڊ گورننس خوردبينيءَ سان ڳولڻ سان به نظر نه ايندي. اغوا انڊسٽري اهڙي ئي حڪمرانيءَ جي نتيجي ۾ عروج ماڻي ورتو آهي. قبيلائي دهشتگردي ۽ رتوڇاڻ ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. وري شهري علائقن ۾، خاص طور تي سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائيم وڌي ويو آهي. ڪلاچ ۾ قهر ايڏو جو، "خبر ڪونه ڏئي ته رڃ ڪجاڙي رنديا". ان حالت ۾ پڇاڙيل سنڌ ۾ عام ماڻهو ڪهڙي سڪون سان حياتي گذاريندو هوندو، اهو سمجهڻ مشڪل نه آهي. اهڙين حالتن ۾ سنڌ جي نگران وزيراعليٰ جو بيان اميد جو ڪرڻو بڻجي سامهون آيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي نگران ڪابينا جي تعارفي اجلاس دوران امن امان جي بدترين حالتن جو ادراڪ ڪندي ڪچي اندر ڌاڙيلن ۽ شهرن ۾ ڦورن جي خلاف آپريشن جو اعلان ڪيو ويو آهي. نگران وزير اعليٰ گهرو کاتي جي وزير کي پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مشوري سان پلان تيار ڪري ڌاڙيلن خلاف "ڪوآرڊينيٽڊ" آپريشن ڪلين اپ شروع ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي.

گورننس ادارن جي مجموعي ڪارڪردگيءَ جو نالو آهي. جڏهن ادارا ئي تباهه هجن، انهن کي ڪرپشن جو ڪوڙهه لڳي چڪو هجي، اهڙي صورت ۾ ادارن جي ڪهڙي ڪارڪردگي هوندي ۽ ان ڪارڪردگيءَ سان گورننس جو ڪهڙو پروفائل جڙندو هوندو، اهو سمجهڻ مشڪل نه آهي. وڏي ۾ وڏو مسئلو امن امان جو آهي. پوليس کاتي ۾ گهڻي سياسي مداخلت ان کاتي کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي ۽ عوام جي تحفظ ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ ذميوار ان کاتي کي ان حد تي پهچايو ويو آهي جو اهو پنهنجي قائم ٿيڻ وارو جواز به وڃائي ويٺو آهي. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته عوام تائين جمهوريت جو ثمر ايستائين نٿو پهچي سگهي، جيستائين امن امان جون حالتون بهتر نٿيون ٿين. مطلب ته ايڏي اهم ۽ ضروري ذميواريءَ کي به انتظامي غير سنجيدگيءَ جي ور چاڙهيو ويو ٿو. ان ڪري نگران حڪمرانن کي امن امان کي يقيني بڻائڻ ۽ قانون جي عملداري قائم ڪرڻ لاءِ اهم قدم کڻڻا پوندا. گذريل ڏيڍ ڏهاڪن جي حڪمرانيءَ دوران ڪچو جڻ ته ڌاڙيلن کي مقاطعي تي مليل هجي! اتي رياستي قانون بدران ڌاڙيلن جو سڪو هلي ٿو. دراصل ڏوهن جو هڪ ٽڪنڊو آهي، جنهن کي نه ٽوڙيو ويو ته ڏوهن ۾ گهٽتائي جا امڪان پيدا ٿي نه سگهندا. اهو ٽڪنڊو مشتمل آهي ڏوهارين، ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ اشرافيه (المعروف پڳي جا ڌاڙيل) ۽ پوليس تي. سنڌ ۾ ڌاڙيلن ماڻهن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. انهن وٽ ايترا جديد هٿيار آهن، جو پوليس مقابلو ڪرڻ چاهي ته به نٿي ڪري سگهي. ان لاءِ اسان سمجهون ٿا ته ڏوهارين (ڌاڙيلن) خلاف آپريشن صرف ۽ صرف فوج جي مدد سان ئي ممڪن آهي. بلڪل اهڙي نموني، جهڙي ريت راجنپور جي ڪچي ۾ چوٽو گينگ جي خلاف ڪيو ويو هو. پيو ته پوليس کاتي ۾ سياسي مداخلت ختم ڪرڻي پوندي. جيئن ته نگرانن جي اهم ذميواري شفاف اليڪشن ڪرائي اقتدار جي پرامن منتقلي آهي، پر جڏهن امن امان جون حالتون ئي بهتر نه هونديون، اليڪشن چورائڻ جا امڪان هوندا ته اليڪشن ڪيئن شفاف ٿي سگهندي؟

اسان نگران وزيراعليٰ طرفان امن امان جي حالتن تي ڳڻتي ۽ ڏوهارين خلاف آپريشن واري اعلان کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا. پر گڏوگڏ اها ڳالهه چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته معمول جا آپريشن ته اڳ به انهن نشود ڏوهارين خلاف ٿيندا رهيا آهن، جن جو انهن تي ڪو به اثر نٿو پيو. ان لاءِ ڪنهن وڏي ۽ ڀرپور آپريشن جي تياري ڪرڻي پوندي. پيو ته قبيلائي دهشتگردي ۽ رتوڇاڻ جي خاتمي لاءِ جهيڙيندڙ ڌرين کي بي هٿيار ڪرڻو پوندو سنڌ ۾ هٿيارن جي پهچ ۽ وڪري جا گهٽ گهيڙ بند ڪرڻا پوندا. ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ اشرافيه (ڀوتارن) ۾ هٿ وجهڻو پوندو. تڏهن ئي وڃي سنڌ ۾ قانون جي عملداري ممڪن بڻجي سگهندي ۽ تڏهن ئي شفاف اليڪشن ممڪن بڻجي سگهندي. نگران انتظاميا اهو ٽاسڪ حاصل ڪري ٿي وٺي ته پوءِ يقين ڄاڻو ته سنڌ جي عوام کي اهو چوندي ٻڌو ويندو ته، "فرق صاف ظاهر آهي"! باقي سڪڻا اعلان ته ڪيئي ڏهاڪن کان ٻڌندا پيا اچون!

سنڌ جي نگران حڪومت کي تعليم بابت تجويزون

روشن علي

حڪومت سنڌ ڪجهه سالن کان تعليم کاتي ۾ بهتري آڻڻ لاءِ مختلف وقتن تي قدم کڻي رهي آهي، جنهن ۾ ڪيترين نوان اٿينڊنس شيون نه قابل غور ڏسڻ لاءِ ملن ٿيون. جهڙوڪ بائيوميٽرڪ سسٽم ، شاگردن کي مفت ڪتاب ڏيڻ. پرائمري کان هاءِ اسڪول جي شاگردن جون فيس معاف ڪرڻ يعني منت تعليم ڏيڻ جهڙا تحفا ساراهه جوڳا قدم چئي سگهجن ٿا. اهڙي طرح ٿي وري آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 17 هين گريڊ جي هيڊ ماسترن کي بنا ڪنهن ڪميشن جي ايڏي وڏي عهدي تي مقرر ڪري پرائمري اسڪولن مٿان جهڙي طرح مقرر ڪيو ويو آهي. اهو هڪ وڏو سوال ۽ حيرت انگيز تجسس ڏياريندڙ عجوبو بڻ آهي ته ڪنهن به ڪميشن بنا ڪنهن به شخص کي 17 هون گريڊ ڏيڻ سراسر ناانصافي مترادف عمل آهي. جيڪڏهن وري حڪومت سنڌ انهن 1957ع ۾ بي اي ٽيسٽ پاس 17 هين گريڊ جي هيڊ ماسترن کي مقرر ڪيو ته انهن کي جانچڻ جو پيمانو ڪهڙو رکيو ويو آهي ۽ انهن جي ڪارڪردگي ڪيئن معلوم ڪري سگهجي ٿي. هر هڪ باشعور سمجهي سگهي ٿو ته يورپين بئنڪ، ايشين بئنڪ، ورلڊ بئنڪ، پرڏيهي امدادي ادارن جي تعاون سان ڪروڙين اربين رپيا ڏيندڙ ملڪ سنڌ جي تعليم جي بهتري جا خواهشمند آهن ته پر حڪومت سنڌ هميشه جيان پنهنجي هوڏ تي قائم رهندي (مين نه مانو) واري فارمولي تي ڪارفرما بڻيل آهي. سنڌ حڪومت جيڪڏهن واقعي سنڌ جي تعليم سان سنجيده مخلص ۽ سچي آهي ته پوءِ سڀ کان پهريان انهن 17 هين گريڊ جي آءِ بي اي جي ٽيسٽ پاس نون هيڊ ماسترن کي پهرين فرصت ۾ بغير ڪنهن ديرجي بند پيل اسڪول کولائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ شهرن بجاءِ ٻهراڙين ڳوٺن ۾ جتي تعليم نه هجڻ برابر بڻيل آهي اتي مقرر ڪري انهن جي تعليم ۾ بهتري آڻڻ لاءِ سخت ترين قدم کنيا وڃن باقي سڀ کي معلوم آهي ته ٻهراڙين ڳوٺن کان وڌيڪ شهرن ۾ تعليم جو سرشتو بهتر نظر اچي ٿو نون هيڊ ماسترن جن کي 17 هون گريڊ ڏيئي پرائمري اسڪولن ۾ مقرر ڪيو ويو آهي، انهن نون هيڊ ماسترن مان اڪثر هيڊ ماسترن جي لاءِ اها شاگردن جي والدين جي شڪايت عام آهي ته انهن اڄ ڏينهن سان ٿي پيو ڪجهه نه ڪيو ۽ اسڪول جي اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽي (ايس ايم سي فنڊ) جي گهٽ ۾ گهٽ رقم 5 لک کان وٺي 10 لک تائين وارا پئسا پنهنجن من پسند چيئرمينن جي ملي ڀڳت سان گڏ جوڙ ڪندي پئسا هڙپ ڪيا ويا آهن. جڏهن ته اڄ به هن جديد ترين ٽيڪنالاجي واري ترقي يافته دور ۾ جتي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪس ميڊيا سان گڏ سوشل ميڊيا به عروج تي پهتل آهي انهي ۾ به حڪومت سنڌ طرفان نون مقرر ڪيل 17 هين گريڊ جا هيڊ ماستر لکين رپيا اسڪولن جي ايس ايم سي فنڊن مان اسڪولن اندر نه ٿي صفائي سٿرائي لاءِ ڪو سوئيپر مقرر ڪيا ويا آهن، نه ٿي گرميءَ جي شدت سبب اسڪولن ۾ پيئڻ جي ٿڌي پاڻيءَ جا واٽر ڪولر رکيا ويا آهن جيئن معصوم ٻارڙا پاڻي پي سگهن وڏي ڳالهه اها ته سوين معصوم ٻارڙا اسڪول جتي روزانو اچن ٿا اتي ٻارڙن شاگردن شاگردياڻين کي ضرور ڪا ٻاٿ روم جي ضرورت ٿيندي هوندي، انهيءَ جي صفائي سٿرائي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ پيون نه موٽر مشين يا نلڪو ته لڳرايو وڃي انهي سلسلي ۾ سروي ۾ معلوم ٿيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي اباڻي لاڙڪاڻي شهر جي اندر ڪافي تعداد ۾ اهڙا به پرائمري اسڪول آهن جتي سون جي تعداد ۾ شاگرد ۽ شاگردياڻيون تعليم حاصل ڪن ٿيون پر انهن سوين ٻارڙن لاءِ اسڪول ۾ پيئڻ لهيو ۾ نلڪو به لڳل ڪونهي هاڻي اندازو ڪريو ته گرميءَ جي شدت لاڙڪاڻو، سکر، شڪارپور، جيڪب آباد، دادو، ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، نوابشاهه سميت ٻين علائقن ۾ رڪارڊ گرمي جو درجه حرارت ڇا هوندو آهي؟ پر پرائمري اسڪولن ۾ سوين پرائمري اسڪولن جي شاگردن لاءِ نلڪو به نه هجي ته پوءِ تعليم کاتي جي مقرر ڪيل نون 17 هين گريڊ جي آءِ بي اي هيڊماسترن جي ڪارڪردگي جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟. اسڪولن ۾ فرنيچر جي شديد کوٽ واقع آهي، اسڪول بلڊنگس عمارتن جي خسته حالي ڏيون صورتحال سان گڏ ڪيترائي اسڪول رنگ ۽ روغن لاءِ ترسي رهيا آهن جنهن لاءِ سياسي ڪلچر ۽ پسند ناپسند جي ڪري سون جي تعداد وارا پرائمري اسڪول تعميراتي ترقياتي ڪمن کان پري رکيا ويا آهن جنهن لاءِ ايجوڪيشن ورڪس ڊپارٽمينٽ جي ڪامورن جي ڇا ڳالهه ڪري سگهجي ٿي. ايجوڪيشن ورڪس ڊپارٽمينٽ پهريان مهيني سر مهيني ۾ پاڻ مرادو اسڪولن جي وزٽ ڪري ڏيون حالي ۽ رنگ روغن جي حوالي سان متحرڪ هوندا هئا پر هاڻي انهن کي به حرام کائي ويو آهي ۽ اهي به سفارشي ڪلچر ۽ رشوت ڪميشن مافيا جو حصو بڻجي پنهنجي گهرويلي سياستدانن جي آشيرواد ۾ خوش رهڻ لڳا آهن جنهن ڪري اهي ايجوڪيشن ورڪس ڊپارٽمينٽ جا سٺا پلاءِ محنتي ماڻهو به مجبور ۽ لاچار بڻجي مثبت رڪاوٽ ۽ اسڪولن جي بهتري لاءِ پلاننگ رکڻ جو بي مثال جذبو ڇڏي ويا آهن هاڻي ڳالهه ڪجي ٿي تعليم ڪيئن سڌري سگهي ٿي ۽ اسان ٻين صوبن ۽ ملڪن سان تعليم جي سلسلي ۾ ڪيئن قدم وک ملائي سگهون ٿا ؟ اڳيئي وڌڻ لاءِ رڳو استادن کي ذميوار قرار ڏيئي سگهجي ٿو هن پوري سسٽم ۾ منفي ۽ مثبت پهلوئن کي ڏسڻو پوندو. پرائمري استاد به هن معاشري جو هڪ حصو آهي انهي ۾ اڙايون هونديون پر سڄي ساري ذميواري صرف ۽ صرف استاد مٿان عائد ڪرڻ سراسر زيادتي هوندي. ڪير ٻڌائي ته اڳ ۾ جڏهن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحان کان بغير رڳو تازو فارملٽي رسمي خانه پوري ڪري 17 هين گريڊ جا نوان هيڊ ماستر نه هئا ته تعليم نه هئي ڇا؟ ۽ جڏهن هي آيا آهن ته ڪهڙو وڏو ۽ واضح فرق نمايان نظر آيو آهي، نون بغير ڪميشن جي امتحان ڏيندڙ 17 هين گريڊ ۾ غير قانوني ڀرتي ٿيل هيڊ ماسترن کي بند پيل اسڪولن ۽ خاص ڪري ڳوٺن ٻهراڙين ۾ رکيو وڃي پوءِ بهتر نتيجا ۽ انهن جي ڪارڪردگي معلوم ڪري سگهجي ٿي پر باشعور ساڃاهه وند سوچ رکندڙ طبقو ٻڌائي سگهي ٿو ته هتي تعليم کي سڌارڻ لاءِ ڪنهن يورپين ورلڊ بئنڪ جي فارمولي بجاءِ سادي سودي سمپل ڳالهه آهي ته توهان ڪنهن به طرح جيڪڏهن پنهنجن تعليمي ادارن کي وڌ کان وڌ بنيادي سهولتون ڏيو. اسڪولن ۾ وسيع ميدان، اڳ جيان شاگردن کي پيئڻ جي پاڻيءَ جو مناسب فوري انتظام ڪرڻ، اسڪولن ۾ گل ٻوٽا ۽ ثمر. تاري سميت ٻيا وڻ لڳرائڻ. شاگردن کي ڪتاب مفت ڏيڻ سميت انهن غريب طبقي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي مڊل ۽ هاءِ اسڪول شاگردن وظيفا اسڪالرشپ، امداد، مالي سهائتا ڪرڻ، سڀ کان اهم ترين ڳالهه ته اسڪول ۾ مقرر ڪلاس رومن موجب شاگردن جي انرولمينٽ داخلا ڪرڻ. ڇاڪاڻ ته اڪثر سروي ۾ اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته پرائمري اسڪولن ۾ هرهڪ ڪلاس روم ۾ 25 کان 30 شاگرد ويهارڻ آهن پر هتي دراصل انهي ابتڙ ٿي رهيو آهي ۽ پرائمري اسڪولن جي ڪلاس رومن ۾ شاگردن کي گودام، اٺن جي پال جيان ويهاري گرميءَ ۾ شاگردن جي حالت بي حال بڻائي وڃي ٿي. حڪومت سنڌ جو انهي ڳالهه تي زور آهي ته شاگردن جي داخلا وڌايو پر جڏهن حقيقي معني ۾ ڏسجي ٿو ته اصل ۾ ڪلاسن ۾ شاگرد ٻڌلي جي نه هجڻ ڪري ڪلاس رومن ۾ گودام جيان پال پٺجي رهيا آهن پ پ پ جي 16 سالا دور اقتدار ۾ تعليم کاتي جي جيڪڏهن حقيقي معني ۾ پرکهوڙ لهي وڃي ها ته اهڙي رحم جوڳي حالت انهي کاتي جي نه هجي ها. وڏي افسوس ۽ حيرت جي اها ڳالهه آهي ته تعليم جهڙي حساس ترين شعبي کي اسان وٽ نون نون تجربا گاهه طور هلايو وڃي ٿو نوان نوان تجربا ۽ نيون نيون اٿوڏنڊ شيون جيڪي ڪنهن به حوالي سان سنڌ جي تعليم لاءِ فائديمند ناهن اهي لاڳو ڪيون وڃن ٿيون. جهڙوڪ پرائمري اسڪول ٽائيم 8 وڳي کان 2 وڳي تائين مقرر ڪرڻ آهي. وڏي حيرت جي اها ڳالهه آهي ته بنا سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحان ٽيسٽ ڏيڻ جي تازو هاڻي رسمي انٽرويو جي نالي ۾ وڏي رشوت ڀري آءِ بي اي 17 گريڊ جي آيل هيڊ ماسترن عملي طرح ڪهڙو وڏو ڪارنامو ڪيو آهي جو انهن کي هيڏي وڏي پوسٽ تي ويهاريو ويو آهي ڪنهن به قانون ۾ آهي ڇا ته جيڪي هي مسلط ڪيل نوان 17 گريڊ جا هيڊ ماستر آهن اهي اسڪولن ۾ ٽائيم اچن يا نه اچن انهن جي مرضي آهي ڇا؟ اهي پاڻ ڏينهن جا ڏينهن غائب هجن ۽ پنهنجي اسڪولن ۾ حاضري رجسٽر ۾ نالو نشد نه لکن درج ڪن، انهن کان ڪو پڇڻ وارو ڪير ڪونهي ڇا؟ اندازو ڪيو ته هي هزار جي لڳ ڀڳ هيا جيڪي هوشيار محنتي هيڊ ماستر هيا اهي ڪميشن ڏيئي ٻين ڊپارٽمينٽن ۾ اڳيئي نڪري ويا پر ڪي تڪل گذريل ستن سالن کان هتي آهن انهن ڪجهه احتجاج ڪري حڪومت تي پريشر ڊباءِ رکيو جنهن تي حڪومت پاڙي ٿي پئي ۽ هنن کي گهرويلي 17 هون گريڊ ڏيئي ڇڏيو جڏهن ته هنن کان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي امتحان ٽيسٽ ورتي وڃي ها پر حڪومت مٿي سو پنهنجو ختم ڪرڻ لاءِ رڳو ايس بي ايس سي جو نالي ماتر انٽرويو وٺي 17 هون گريڊ ڏنو ويو آهي جڏهن ته انهن جي اسڪولن جي بهتر ڪارڪردگي جي رپورٽ غير جانبدارانه اداري کان ورتي وڃي ها، نمبر ٻئي ڳالهه ته انهن جي اسڪولن جي ايس ايم سي فنڊس جي جاچ ڪئي وڃي ها ته انهن اسڪولن ۾ مليل لکين رپين جا ڪهڙا ڪم ڪار ڪرايا آهن هاڻي ته تازو 30 يا 35 هزار نون ڀرتي ٿيل عورت ٽيچرس جي اچڻ بعد پرائمري اسڪولن ۾ رڳو ڪچهريون نون هيڊ ماسترن جون لڳل آهن ڪو پڇڻ وارو ڪونهي سڀ ملوث آهن ڪير ڪنهن کي ڪيئن پڇي، پوءِ اهڙي سنڌ جي تعليم جو الله واهي آهي ۽ ادارن ۾ احتسابي عمل بجاءِ آفيسر به رڳو ڪميشن مافيائون بڻجي ويون آهن نون آيل هيڊ ماسترن جي مقرر ڪرڻ جهڙن اهڙن نادرشاهي حڪمن بعد سنڌ جو مستقبل مايوس ڪن بڻجي ويو آهي. نون بنا ڪميشن جي امتحان وارن هيڊ ماسترن کان پوءِ تعليم کاتي، استادن ۽ شاگردن کي ڪهڙو فائدو ملي سگهي ٿو؟ جڏهن ڪنهن ڳالهه جو ڪو فائدو ئي ناهي وري بار بار چيو ويندو آهي ته اسڪولن ۾ عام استاد نٿا پڙهائين، ڇا پوليس سڀ ڏوهاري پڪڙي ڇڏيا آ. ڇا عدالتن سڀني کي انصاف ڏئي ڇڏيو؟ ڇا واپڊا سڀڪو وارن سڀني کي بجلي پهچائي لوڊشيڊنگ ختم ڪري ڇڏي آ . ڇا اينٽي ڪرپشن، ڪرپشن جو خاتمو آڻي ڇڏيو يا ڊپٽي ڪمشنر ڊي سي صاحبان سڄي سنڌ ۾ پلاٽن ۽ زمينن جا معاملا ٺيڪ ڪري ڇڏيا؟ ڇا سڀ مختيارڪار ۽ تپيدار ايماندار ٿي ويا آ . ڇا اي جي آفيس، ٽريزري آفيس فنانس ڊپارٽمينٽ ۽ ڊبل ڪلارڪ ملازم ڪنهن جو به جائز ڪم مفت ۾ ڪرڻ لڳا آهن؟. ٻين ڊپارٽمينٽن کاتن جيتري ڪرپشن ڪئي آهي، انهي مقابلي ۾ استاد (0) زيرو پرسنٽ به ناهي ڪئي، جيڪڏهن استاد نٿا پڙهائين ته هي ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل ۽ ٻيا سڀ هندستان مان پڙهي ٿا اچن ڇا؟. هن معاشري ۾ نشانو صرف ۽ صرف استاد ئي ڇو بڻيل آهن آ. ۽ هي سڀ ڇو ته آهن نشاني تي؟. جيئن سياڻا ڏاها ماڻهو چوندا آهن ته پاڻي هيٺاهين تي لهي ايندو آهي تيئن ئي استاد تي هرهڪ مسخرو ۽ ٺٺوليون ڪندا رهن هاڻي ته وري سنڌ حڪومت نئون تعليم کاتي سان ويل ڪري ڇڏيو آهي. اسڪولن ۾ ساوا ست سٺو مگهڙ راڳي تبلا باجا وڄائڻ وارا ناچ گانن وارا ڊراماٽي ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيا آهن جنهن استاد لاءِ شرط لازم هجي باڪردار قوم جي ٻچڙن شاگردن کي بهتر تربيت ڪندڙ هجن هاڻي ڇا ٿين نچڻ ڪڏڻ وارا ماڻهو شاگردن کي ڊهل شرنايون ڪائيندا. نڪهت ناز ڳائيندي کي به ڪنهن جيو نوڪري جو آرڊر مليو آهي ته اها اسڪولن ۾ ماحول بهتر ڪندي؟ انهيءَ جي معني آهي ته اسان جا حڪمران جو غلط رسم رواج جا بنياد رکندا ته پوءِ ضرور انهي جا منفي اثر تعليم تي پوڻ لڳندا. ڪڏهن به پيغمبري پيشي سان وابسته استادن کي ٽارچر پريشر ذريعي تعليم کي سڌاري نٿو سگهجي پر جيڪڏهن واقعي تعليم جي ترقي ۽ سڌارا گهرجن ته پوءِ حقيقت پسند ٿيڻو پوندو ۽ هڪ پٺي تي اجايا ۽ فضول الزام بازيون لڳائڻ بجاءِ آن اسپاٽ سرزمين تي وڃي ماحول جي مطابق فيصلا ڪرڻا پوندا جيڪڏهن اسان يورپ، آمريڪا ۽ برطانيه جي تعليم جا حوالا ڏيون ٿا ته پوءِ اهڙيون سهولتون به ڏيڻيون پونديون پوءِ آهي گهرجون به پوريون ڪرڻيون پونديون باقي سنڌ کي سنڌ جهڙيون به مناسب بنيادي سهولتون نه ڏيون ۽ ڳالهه ڪريون يورپين ملڪن جون ته اها سراسر زيادتي ٿيندي جنهن ملڪ ۾ هر طرف ڪميشن مافيائن جو راڄ هجي وک وک تي آدم بوءِ لڳل هجي ۽ جنهن ملڪ جا وزيراعظم به ڪرپشن جي ڪري اقتدار لهڻ شرط گرفتار ٿيندا هجن ۽ جنهن ملڪ ۾ اقتدار لهڻ شرط ڪرپٽ وزيرن جي پٺي جڳهه جيل جو بندوبست ٿيل هجي اتي صرف استاد کي ڏوهي قرار ڏيڻ سراسر نا انصافي ۽ ظلم رهندو اسان ائين به نٿا چئون ته استاد فرشتا آهن پر اهي پنهنجن وڏيرن، ڀوتارن ۽ ڪمدارن جا ڪٽي ڪٽي تحفا مليل آهن جنهن جي بوري استاد برادريءَ مٿان هٿ ڪنيا وڃن ٿا. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته پري ٻبڙيءَ ۾ وائيو ڳورو. ائين ئي هن معاشري ۾ اسان جي وزيرن سيڪريٽرين ۽ لائڻين لاءِ "خاص ڪري پرائمري استاد" کي ڳورو سمجهي ڦٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جيڪا سنڌ جي ڪروڙين شاگردن ۽ شاگردياڻين سميت لکين استادن سان وڏو مذاق ۽ مسخري آهي پ پ پ حڪومت ۾ سنڌ جي تعليم جو صوبائي وزير سردار شاهه چئي ٿو ته هڪ لک 36 هزار استادن مان هڪ لک استادن کي پڙهائڻ ئي نٿو اچي ۽ مان انهن هڪ لک استادن کي نوڪرين مان ڪڍڻ ٿو چاهيان جنهن لاءِ اپوزيشن ساٿ ڏئي. تعليم ۽ صحت کاتي سنڌ لاءِ ڪيڏي وڏي رقم ڪروڙين نه پر اربين رپين جي بجيت اچي ٿي اها اسڪولن ۾ بنيادي ضرورتن تي خرچ ٿيڻ بجاءِ سيمينارن، ورڪشاپ، ميٽنگن، اجلاسن، نون نون تجربن تي خرچ ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته اڄ به سنڌ جي 80 سيڪڙو کان وڌيڪ اسڪولن ۾ بجليءَ جي سهولت مليل ناهي. 85 سيڪڙو اسڪولن واش رومز ناهن. 75 سيڪڙو اسڪولن ۾ پلي گرائونڊ ناهن، تقريبن 90 سيڪڙو اسڪولن ۾ صفائي سٿرائي لاءِ سوئيپر مقرر ڪونهن. جنهن ڪري هن جديد دور ۾ به شاگرد جيڪي اسڪولن ۾ پڙهڻ اچن ٿا انهن کان اسڪول انتظاميه صفائي ڪرائين ٿا. اهڙي طرح اڻ ڳڻيا پرائمري اسڪولن مسئلا آهن جنهن ڪري شديد ترين گرميءَ ۾ لکين شاگرد ۽ شاگردياڻيون هر سال تعليم پڙهڻ بجاءِ ويتر محروم بڻجي رهيا آهن. هي ڪنهن تي ڪيس داخل ڪجي جو تعليم جهڙي حساس شعبي وارن کي هر روز وزير انهن ڀوتار ۽ ڪمدار ذهني ٽارچر ڏيئي پنهنجي حڪمراني صرف ۽ صرف اسڪولن تائين محدود بڻائي پاڻ کي پاڻ مرادو شهنشاهه سمجهي خوش فهميءَ جو شڪار رهن ٿا.

شايد انهن کي معلوم ناهي ته استاد ئي اها هڪ وڏي قوت سگهه آهي جيڪا ملڪ جا صدر، وزيراعظم، انجنيئر، وڪيل، دانشور، شاعر، اديب، ليکڪ، صحافي، ڊاڪٽر ۽ ٻيا اڻ ڳڻيا هيرا موتي پيدا ڪري ٿو انهيءَ عظيم پيغمبري پيشي جو ڪو لحاظ ڪو خيال اسان نه ڪنداسين ته پيو ڪير ڪندو تعليم کي سڌارڻ لاءِ اجايون ٺٺوليون تنقيدون ۽ مسخري مذاق ڪرڻ بجاءِ عملي طرح حقيقت پسند ٿي ڪري سينيئر استادن سان گڏجي صلاح مشوري سان انهن جي تجربي تحت نصاب سميت هر معاملي ۾ نوان اٿي سگهجي ٿي جنهن جا مثبت ۽ ديرپا نتيجا ملڻ لڳندا. آءِ بي اي هيڊماسترن مان به سنڌ جي پرائمري اسڪولن مان جند آجي ڪرائي وڃي ۽ انهن کي پهرين سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي 17 هون گريڊ ڏيڻ واري شرط مطابق نه صرف رسمي ڳالهه ٻولهه لين دين ڪافي آهي پر امتحان ٽيسٽ وٺڻ بعد باضابطا طور تي رکندا هئن آءِ بي اي هيڊ ماسترن گذريل 7 سالن ۾ ڪهڙي ڪارڪردگي ڏيکاري آهي. سواءِ هنن ايس ايم سي فنڊ کائڻ جي ڪجهه به ناهي ڪيو. تعليم بهتري بجاءِ ويتر مسئلن جو شڪار رهي آهي ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ سلمان طالب الدين آءِ بي اي هيڊ ماسترن کي صلاح ڏني آهي ته اهي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري 17 هين گريڊ ۾ هيڊ ماستر بڻجي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ ته 17 هين گريڊ جي پوسٽ ڪميشن کان بغير نٿي ڏيئي سگهجي. ٻئي طرف هڪ ڳالهه واضح آهي ته سنڌ ۾ هزارين سينئير پرائمري استاد جن 30 سالن کان وڌيڪ عرصو هن ڊپارٽمينٽ کي ارپيو آهي ۽ پنهنجون زندگيون ڏنيون آهن انهن مان خاص ڪري پوسٽ گريجوئيٽ ايم اي، ايم ايس سي پاس ڪندڙ ۽ تعليمي سند بي ايڊ پاس ايم ايڊ ڪندڙن کي فوري طور تي پرائمري اسڪولن ۾ ئي 17 هون گريڊ اپ گريڊيشن تحت هيڊ ماستر مقرر ڪري تعليم کاتي ۾ انقلابي ۽ حقيقي تبديلي آندي وڃي. ڇاڪاڻ ته انهن سينئير استادن کي 30 سالن جي پڙهائڻ ۽ ايڊمنسٽريشن سنڀالڻ جو هڪ وڏو ۽ وسيع ايڪسپيرينس تجربو پڻ آهي. جنهن سان تعليم کاتي ۾ وڌيڪ 17 هين گريڊ جي آءِ بي اي هيڊ ماسترن جو بار پڻ لهي ويندو ۽ پنهنجي ئي تعليم کاتي جي استادن مان فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو باقي تعليم کاتي کي روز روز تجربا گاهه بڻائي سنڌ جي مستقبل سان نه کيڏيو وڃي وڏي ڳالهه ته جن زندگي ۾ هڪ ڏينهن به اسڪولن ۾ هڪ ڏينهن بلڪ هڪ پيرڊ به نه پڙهايو اهي اسڪولن ۾ ڪهڙي پڙهائي تعليم جاري رکرائي سگهن ٿا. سنڌ جو بهتر مستقبل ڪرڻو آهي ته پوءِ فوري طور تي نون 17 هين گريڊ وارن بنا ڪميشن واري امتحان وارن هيڊ ماسترن کي بند پيل اسڪولن ۽ ڳوٺن ٻهراڙين وارن اسڪولن ۾ رکي تعليم کي بهتر بڻايو وڃي ڇاڪاڻ ته حڪومت سنڌ جي مطابق اهي ڏاڍا هوشيار آهن ته پوءِ انهن کي چئلينج طور بند پيل اسڪول ۽ ڳوٺن ٻهراڙين جا اسڪول ڏنا وڃن.

سِڪڻُ ۽ سوري، ٻئي اَکَرِ هيڪڙي؛
وِهڻُ وائَڙِيَنِ تي، ڪارَڻُ ضرورِي؛
ٻِنهي جي پُورِي، جِيءَ ڏني رِيَ نه جُڙي.

بحران...!

عمر قاضي

ايوان صدر ۾ پيدا ٿيل صورتحال ملڪ جي مشڪل ۾ اضافو آڻي رهي آهي. دنيا ۾ اهڙا مثال تمام گهٽ آهن. جهڙو مثال هن ڀيري اسان جي ملڪ ۾ پيدا ٿيو آهي. ڇا اسان جو ملڪ ان ڪري وجود ۾ آيو هو ته جيئن هو دنيا لاءِ عجيب مثال پيش ڪري سگهي؟

پاڪستان جو عوام پنهنجيون ذميواريون پوريون ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏڻ وارو عوام ثابت ٿيو آهي. ان حوالي سان سمجهڻ گهرجي ته هن وقت تائين جيڪو ڪجهه به منفي ٿيو. جنهن جي ڪري به پاڪستان جي مٿان حيرت يا افسوس جو حرف آيو آهي. ان ۾ پاڪستان جي عوام جو ڪو به ڪردار ناهي. دراصل هن ملڪ کي جنهن قسم جي سياست ملي آهي. ان ۾ اهو ڪجهه ٿي ٿي سگهيو آهي. جيڪو هن مهل اسان کي اڏو آهي. هر ملڪ جي سياست ۾ منفي ۽ مثبت پهلو هوندا آهن. پاڪستان جي سياست ۾ هٽ وٺي منفيت جو مقدار وڌائڻ جي لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو ويو آهي؟ جڏهن به اسان پنهنجي ملڪ جي تاريخ پڙهون ٿا ته اسان کي قائد اعظم کان وٺي هن وقت تائين جيڪي به موڙ سوچ جو سامان فراهم ڪن ٿا. انهن ۾ تمام گهڻي تڪليف آهي. هن جو اهڙو حشر ڪرڻ لاءِ ڪنهن به دشمن جو ڪردار تلاش ڪرڻ تمام گهڻو مشڪل آهي. ڇو ته جيڪڏهن اسان پاڪستان جيڏو وڏو ۽ تمام مضبوط ملڪ گذريل صديءَ جي ستين ڏهاڪي ۾ ٽٽندي ڏٺو هو ته ان ۾ اسان جي دشمنن جو هٿ نه هو پر اهي اسان جي حڪمرانن جون پاليسيون ۽ اسان جي سياستدانن جون غلطيون هيون. جن ملڪ کي ان پاسي آندو. جنهن پاسي سواءِ تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ جي ٻيو ڪجهه به نه هو. هر قوم غلطيون ڪندي آهي پر اهي غلطيون ان قوم کي سکڻ ۽ سوچڻ جو وقت به ميسر ڪنديون آهن. اسان دنيا جي انهن ٿورين قومن منجهان آهيون. جن پنهنجين غلطين مان نه سکڻ جو عزم ڪيو آهي.

ملڪ جي معاشي صورتحال ته اسان جي اڏو وڏي ذميواريءَ سان پيش ڪئي وڃي ٿي ۽ اسان کي هر مهيني ٻڌايو وڃي ٿو ته اسان جو ملڪ معاشي طور تي ڪهڙن مسئلن جو شڪار آهي؟ ان ذميواري نڀائڻ جو به مقصد اهو آهي ته جيئن عوام جي ڪلهن مٿان مهانگائيءَ جو بار وڌائي سگهجي. جنهن ملڪ جا حڪمران عوام جي تڪليف سبب عياشيون ڪن. ان ملڪ جي باري ۾ ڪير به اميد سان سوچي نه ٿو سگهي. ساڳي طرح سان جڏهن به سياسي سازشون ٿين ٿيون ته انهن جي مٿان وڏي چالاڪيءَ سان پردو وڌو وڃي ٿو اهوئي سبب آهي ته هن مهل تائين ايوان صدر واري اسڪينڊل جي باري ۾ نه ته ڪا قابل اعتبار معلومات ملي سگهي آهي ۽ نه وري ان سلسلي ۾ اعليٰ سطحي انڪوائري مقرر ٿي آهي. جيڪا معلوم ڪري ته ايوان صدر ۾ آخر اهو ڇا ٿيو ۽ ڇو ٿيو؟ جنهن جي ڪري ملڪ ۾ تمام گهڻو ابهام پيدا ٿيو آهي.

دنيا جو ڪو به ملڪ ۽ معاشرو جڏهن مقرر اصولن کان انحرافي ڪري ٿو ته ان جو مقدر بگڙڻ لڳي ٿو. اسان جي لاءِ افسوس جو مقام اهو آهي ته اسان پنهنجي ملڪ ۽ معاشري کي مقرر اصولن تي هلائڻ کان معذور رهيا آهيون. ان ڪري اسان وٽ هر وقت ۽ هر ڀيري ڪا نه ڪا اهڙي صورت جنم وٺندي رهي آهي ۽ ڪو نه ڪو اهڙو مثال پيدا ٿيندو رهيو آهي. جنهن جو ٻڌو لاءِ پوري دنيا ۾ گونجندو آهي ۽ پاڪستان جي لاءِ پيدا ٿيل عالمي صورتحال ۾ اڃان وڌيڪ شدت پيدا ٿي پوندي آهي. جڏهن به ڪنهن ملڪ ۾ اعتبار جو بحران پيدا ٿي پوي ٿو ته پوءِ هر قسم جو بحران پيدا ٿيڻ جا رستا کلي ويندا آهن. اسان وٽ هن وقت اهو ڪجهه ٿي ته ٿي رهيو آهي.

ملڪ ۽ معاشرا صرف اعتبار جي بنياد تي قائم به ٿيندا آهن ۽ انهن جو وجود به اعتبار تي ٻڌل هوندو آهي. جيڪڏهن اسان ايوان صدر ۾ پيش آيل واقعي کان وٺي راڻيپور ۾ هڪ معصوم ٻارڙيءَ سان ٿيل زيادتيءَ تائين مجموعي صورتحال جو جائزو وٺنداسين ته اسان کي اهو ڪجهه نظر ايندو. اسان کي صاف طور تي نظر ايندو ته هر هنڌ ۽ هر جاءِ تي اعتبار کي نقصان رسايو ويو آهي. هر مثال ۾ اسان کي معلوم ٿيندو ته اعتبار مٿان وار ڪيو ويو آهي. ڇو ته ايوان صدر ۾ به بقول محترم عارف علوي صاحب جي ته هن پنهنجي عملي کي هدايت ڪئي ته مذڪوره بل موڪليندڙن کي واپس ڪيو وڃي ۽ هن جي بقول کيس اهو يقين به ڏياريو ويو ته هن جي هدايت تي عمل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته اصل ۾ پنهنجي صاحب ۽ ملڪ جي ڪمانڊر ان چيف سان ڏوکو ڪيو ويو ۽ چيو ويو ته هن جي هدايت تي عمل ڪيو ويو آهي پر اصل ۾ ان تي ڪو به عمل نه ٿيو هو ۽ ان کي ايوان صدر ۾ ان ڪري رکيو ويو هو ته جيئن مخصوص وقت کان پوءِ صدر جي مرضي نه هجڻ جي باوجود به اهو قانون ملڪ ۾ رائج ٿي وڃي. جنهن سان ملڪ جو صدر متفق نه هو. هن وقت صدر جي رهڻ يا نه رهڻ جي باري ۾ جيڪو بحث هلي رهيو آهي. ان کان هٽي ڪري به اسان کي جيڪا صورتحال نظر اچي رهي آهي. ان ۾ افسوس جو پهلو تمام گهڻو آهي. ڇو ته اسان ان تي ڪهڙي ريت صبر جو مظاهرو پيش ڪري سگهون ٿا ته اسان جي ملڪ جي اعليٰ ادارن ۾ به اعتبار جو خون ڪيو وڃي ٿو

اسلام آباد کان وٺي راڻيپور تائين اعتبار جي مٿان ٿيل وار سبب پيدا ٿيل پيڙا عام جام آهي. جهڙي ريت ايوان صدر ۾ اعتبار کي پهتل نقصان سبب هڪ تمام وڏو بحران پيدا ٿيو آهي. ساڳي طرح سان هڪ پير جي حويليءَ ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ اماڻيل نياڻيءَ جي مٿان جيڪو ڪجهه به ٿيو آهي ۽ معصوم فاطمه جنهن عبرتناڪ انجام جو شڪار ٿي هن مهل مٽيءَ جو هڪ ڍير بڻجي وئي آهي ته ان عمل ۾ به اسان کي اعتبار مٿان حملو نظر ايندو. فاطمه سان جيڪو ڪجهه به ٿيو اهو اصل ۾ ان اعتبار سان ٿيو. جيڪو اعتبار فاطمه جي مٽن مائٽن کي ڏياريو ويو هو ته هن جي نياڻي نه صرف محفوظ رهندي پر مرشدن جي خدمت ڪري هوءَ پنهنجي ۽ پنهنجي والدين جي آخرت به بهتر ڪندي. جڏهن ته هن جو حال به تباهه ٿي ويو ۽ هن جي حوالي سان جيڪو معاملو هن مهل پوري سنڌ ۾ پيدا ٿيل آهي. ان کي ڏسي هر ڪو شرمسار ۽ افسوس جو شڪار آهي. اهو سڀ ڪجهه ڪنهن به صورت ۾ نه ٿئي ها. جيڪڏهن اسان جي ملڪ ۾ اعتبار مٿان حملا نه ٿين ها ۽ اسان اعتبار جو تحفظ ڪيون ها. جيڪڏهن اسان وٽ اعتبار جي حفاظت ڪئي وئي هجي ها ته اسان هن مهل ايترن بحرانن جي بار هيٺان دٻيل هرگز نه هجون ها.

بقايا * 01**

۾ عمران خان طرفان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس پاڪستان ريمارڪس ڏنا ته توشه خانه ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ جو حڪم درست ناهي. جيڪڏهن ڪو فيصلو درست ناهي ته اسان ان ۾ مداخلت ڪري سگهون ٿا. چيف جسٽس عمر عطا بنديال جو وڌيڪ چوڻ هو ته سڀاڻي تائين اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جو انتظار ڪيون ٿا . ان ڪانپوءِ ڪيس جي ٻڌڻي ڪنداسين

جنهن تي مريم نواز سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته چيف جسٽس پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪالت ڪري عمران خان کي سٺو نشو بڻائي سگهي. مريم نواز وڌيڪ لکيو ته ائين ڪرڻ سان چيف جسٽس پاڪستان جي ساک متاثر ٿيندي

بقايا * 02**

جسٽس عمر عطابنديال جي سربراهي ۾ ٿي ٻڌڻي دوران عمران خان جي وڪيل اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس خلاف بي اعتمادي جي درخواست داخل ڪندي چيو ته هاءِ ڪورٽ چار آگسٽ تي اوهان جي درخواستن تي فيصلو ڪيو. پنج آگسٽ تي ٽرائل ڪورٽ جي جج همايون دلاور اسان جي خلاف فيصلو ڏئي ڇڏيو جسٽس مندوخيل ريمارڪس ڏنا ته سيشن عدالت خلاف ڪو اسٽي آرڊر نه هو. ان کي فيصلو ٿي ڪرڻو هو پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل چيو ته پوءِ قانون ۾ 120 ڏينهن جي حد ڇو ڏني وئي آهي؟ سا سڄي عمر اها تلوار ٽنگيل رهندي؟ جنهن تي جسٽس جمال مندوخيل چيو ته قانون ۾ لکيو آهي ته جڏهن ڊڪليئريشن جي ڪوڙي هجڻ جو پتو پوندو ته ان ڪانپوءِ 120 ڏينهن تائين شڪايت داخل ڪري سگهجي ٿي. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلين جا اٺ کان وڌيڪ ميمبر آهن. اليڪشن ڪميشن سوين ميمبرن جي اثاثن جو جائزو هڪ سئو ويهه ڏينهن ۾ نٿو وٺي سگهي. 120 ڏينهن ڪڏهن شروع ٿيندا ان لاءِ دماغ جو استعمال ڪرڻو پوندو آهي. پنج آگسٽ تي اپيل جو فيصلو ٿي ويو. اوهان چئلينج به ڪري ڇڏيو جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته هاءِ ڪورٽ چيو ته اوهان کي تعصب سان گڏ ٽرائل جي تيز رفتاري تي به اعتراض هو. جيڪڏهن ڪو فيصلو غلط آهي ته ان ۾ مداخلت ڪري سگهون ٿا. سپريم ڪورٽ هتي هر جج جي تحفظ لاءِ ويٺي آهي. سپريم ڪورٽ جي جج کان وٺي ماتحت عدالت تائين هر جج جي عزت برابر آهي. ان دوران لطيف کوسي چيف جسٽس کي چيو ته سر، اسان اوهان لاءِ رت ڏنو آهي. اسان قانون جي حڪمراني ۽ عدليا جي آزادي لاءِ قرباني ڏني. جنهن تي جسٽس عمر عطا بنديال جواب ڏنو ته اسان کي خبر آهي اوهان اسان سان گڏ آهيو جڏهن ته جسٽس جمال مندوخيل چيو ته اوهان اسان لاءِ يا ڪنهن شخص لاءِ نه ڪرسي ۽ آئين لاءِ رت ڏنو آهي. چيف جسٽس چيو ته توشا خانا ڪيس هڪ کان ٻي عدالت ۾ ائين نه اچڻ گهرجي ها. عدالتن جي هڪ ترتيب آهي. پيو پيرو توشا خانا ڪيس سپريم ڪورٽ آيو آهي. بهتر ٿيندو ته پهريان هاءِ ڪورٽ فيصلو ڪري. هاءِ ڪورٽ چار آگسٽ جي فيصلي ۾ توشا خانا ڪيس بابت سوالن جي فهرست ٽرائل ڪورٽ اماڻي هئي. ڇا ٽرائل ڪورٽ هاءِ ڪورٽ جي سوالن تي فيصلو ڪيو؟ .جسٽس عمرعطا بنديال وڌيڪ چيو ته درخواست گذار جي شڪايت آهي ها، ڪورٽ فيصلو ڪرڻ بدران ڪيس واپس ٽرائل ڪورٽ ڏانهن اماڻي ڇڏيو ٻڌڻي دوران اليڪشن ڪميشن جي وڪيل امجد پرويز ايڊووڪيٽ چيو ته ٽرائل ڪورٽ فيصلي کان اڳ ٽي ڀيرا جوابدار کي موقعو ڏنو هو. جوابدار جي غيرحاضري تي ٽرائل ڪورٽ توشا خانا ڪيس جو فيصلو ڪيو ان تي جسٽس مظاهر نقوي چيو ته ٽرائل ڪورٽ دفاع جو حق ڏيڻ ڪانسواءِ توشا خانا ڪيس جو فيصلو ڪيئن ڪري ڇڏيو؟ ملڪ جي ڪنهن به عدالت ۾ ڪرمنل ڪيس ۾ جوابدار کي دفاع جو حق ڏيڻ ڪانسواءِ ڪيس جو فيصلو ناهي ٿيندو. توشا خانا ڪيس جي فيصلي جي ايتري تڪڙ ڇو هئي؟ .

بقايا * 03**

ڪئي آهي. تفصيل موجب نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ڪراچي جي دوري جي موقعي تي وزيراعليٰ هائوس پهتو جتي هن جي سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ سنڌ جي نگران وڏي وزير وزيراعظم کي سنڌ حڪومت جي انتظامي معاملن ۽ نگران حڪومت کي پيش ايندڙ مسئلن کان آگاهي ڏني. ملاقات ۾ وزيراعظم سنڌ جي نگران وڏي وزير کي انتظامي معاملن کي بهتر طريقي سان سرانجام ڏيڻ جي لاءِ وفاقي حڪومت جي مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو. ترجمان موجب ملاقات ۾ ٻوڏ متاثرين جي بحالي ۽ انهن جي گهرن جي تعمير واري منصوبي تي ڳالهيون ڪيون ويون. جڏهن ته نگران وڏي وزير نگران وزيراعظم کي ڪراچي جي نالن جي متاثرين جي بحالي کان به آگاهه ڪيو.

بقايا * 04**

چنڊرايان 3 اربع جي شام 6 وڳي چنڊ جي ڏاکڻي پاسي لينڊ ڪيو. نتيجي طور، هندستان پهريون ملڪ بڻجي ويو جنهن چنڊ جي هن حصي تي هڪ خلائي جهاز لينڊ ڪرايو. آمريڪا، اڳوڻي سوويت يونين ۽ چين کان پوءِ ڀارت دنيا جو چنڊ تي پهچڻ وارو چوٿون ملڪ بڻجي ويو آهي. هندستان جي خلائي ايجنسي اڄ پنهنجي هيڊ ڪوارٽر ۾ مشن جي آپريشن سينٽر جون تصويرون شيئر ڪيون. جتي سائنسدان ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف ڪامياب لينڊنگ ڪانپوءِ ڀرپور خوشي ملهائي. وزيراعظم نريندرا مودي قوم کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته خلا ۾ تحقيق بابت اسانجي هي شروعات آهي ۽ اسانکي اڃان ڊگهو سفر ڪرڻو آهي ۽ وڌيڪ ڪاميابيون حاصل ڪرڻيون آهن.

بقايا * 05**

چيف کي موجوده انٽيليجنس ۽ دهشتگردي روڪ ڪارروائين تي بريفنگ ڏني وئي، جڏهن ته ڪيس موجوده سيڪيورٽي صورتحال تي به بريف ڪيو ويو آ. ايس پي آر موجب آرمي چيف علائقي ۾ مقرر آفيسرن ۽ فوجين سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ آفيسرن ۽ جوانن جي عزم کي ساراهيو ان موقعي تي آرمي چيف چيو ته شهيد اسان جو فخر آهن. پاڪستان ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ شهيدن جون قربانيون ضايع نه وينديون ۽ پاڪستان ۾ مڪمل امن ۽ استحڪام واپس ايندو هن چيو ته دهشتگردن. انهن جي سهولتڪارن ۽ اڪسائيندڙن کي نه ڇڏيو ويندو. انهن کي رياست اڳيان سرينڊر ڪرڻو پوندو.

بقايا * 06**

.خط ۾ چيو ويو آهي ته صدر 9 آگسٽ 2023 تي وزيراعظم جي مشوري تي قومي اسيمبلي کي ٽوڙي ڇڏيو آئين جي آرٽيڪل 48(5) جي تحت اسيمبلي ٽٽڻ کان پوءِ عام چونڊن جي تاريخ 90 ڏينهن کان اڳتي نه ٿيڻ گهرجي. خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته چيف اليڪشن ڪمشنر کي اڄ يا سڀاڻي صدر سان ملاقات جي لاءِ گهرايو وڃي ٿو جيئن مناسب تاريخ طئي ڪري سگهجي.

بقايا * 07**

ماهي ايڊجسٽمينٽ جي لاءِ بجلي 5 رپيه 40 پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏني، منظوري سال 2022_23 جي چوٿين ٽه ماهي ايڊجسٽمنٽ جي مد ۾ ڏني وئي. بجلي مهانگي ٿيڻ جو اطلاق لائف لائين ڪي اليڪٽرڪ صارفين تي نه هوندو نيپرا بجلي مهانگي ڪرڻ بابت ٻڌڻي جو فيصلو بعد ۾ جاري ڪندو حتمي فيصلو ۽ نوٽيفڪيشن وفاقي حڪومت جاري ڪندي. ٻڌڻي دوران نيپرا جي ميمبر رفيق شيخ چيو ته دعا ڪريو الله بهتر ڪري. صارفين جيان اسان به بل ادا ڪندا آهيون.

بقايا * 08**

۾ توهان کي گرفتاريون نظر اينديون گورنر سنڌ ڪامران ٽسوري نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ سان ملاقات بعد چيو ته وزيراعظم خاطري ڪرائي آهي ته ڪراچي مان اسٽريٽ ڪرائيم جي خاتمي تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو.هن چيو ته شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ڪري سگهندڙ پوليس آفيسرز کي هٽايو وڃي.گورنر سنڌ چيو ته آءِ جي سنڌ شهيد جان محمد جي قاتلن جي گرفتاري يقيني بڻائي

بقايا * 09**

پٽوجي سلام نور محمد 2010ع ۾ قتل ڪيس جي جوابدارن کي بري ڪرڻ خلاف اپيل داخل ڪرائي هئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ درخواست گذار جي اپيل ٻڌڻي لاءِ منظور ڪندي ٽن هفتن بعد ٻڌڻي مقرر ڪري ڇڏي.

بقايا * 10**

ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس ترجمان موجب چيئرلفٽ جي مالڪ ۽ آپريٽر کي گرفتار ڪرڻ سان گڏ چيئر لفٽ ڪنٽرول روم کي به سيل ڪيو ويو آهي. ڊي آءِ جي هزارا ڊويزن موجب ايف آءِ آر ۾ ڪوتاهي ڪرڻ جا 5 ڪلم شامل ڪيا ويا آهن جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جو سلسلو جاري آهي. مقامي ذريعن موجب ضلعي انتظاميه چيئرلفٽ ڪنٽرول روم کي به تالا لڳائي ڇڏيا آهن نجي چيئر لفٽ جي مالڪ کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ پوليس جاچ جو دائرو وڌائي بچاءُ ڇاڇا شروع ڪري ڏني آهي. هوڏانهن ڊپٽي ڪمشنر جي حڪم تي بالا ڪوٽ جي مختلف هنڌن تي لڳايل 8 کان وڌيڪ چيئرلفٽ کي سيل ڪيو ويو آهي جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي ڳوٺن سان رابطو ڪٽجي ويو آهي. ڪيوائي جي هنڌ تي ڪنهار درياءَ تي لڳايل چيئرلفٽ بند هجڻ سبب عوام خاص طور تي درياءَ پار ڪري اسڪول ڏانهن ويندڙ ٻار ۽ استاد به محدود ٿي ويا آهن. اتان جي رهواسين احتجاج ڪندي فوري طور تي چيئرلفٽ جي بحالي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا * 11**

ڪميشن پي ٽي آءِ چيئرمين کي خط لکي 24 آگسٽ تي 2 وڳي دعوت ڏني آهي. ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن مولانا فضل الرحمان کي 24 آگسٽ تي 3 وڳي طلب ڪري ورتو. اليڪشن ڪميشن مسلم ليگ ن جي صدر شهباز شريف کي 25 آگسٽ تي صبح 11 وڳي طلب ڪري ورتو پاڪستان پيپلز پارٽي جو اجلاس 29 آگسٽ تي 3 وڳي طلب ڪيو ويو آصف علي زرداري کي خط موڪليو ويو ذريعن جو چوڻ آهي ته اجلاس جي ايجنڊا ۾ حد بندين ۽ چونڊ لسٽن تي غور ويچار شامل آهي. اجلاس ۾ عام چونڊن جي تياري ۽ چونڊ شيڊول تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي. پارٽي اڳواڻن کي گهرجي ته هو پنهنجي نمائندن جا نالا اليڪشن ڪميشن کي موڪلين

بقايا * 12**

گجومت ۾ واسا ملازم اشرف مسيح گٽر جي صفائي ڪري رهيو هو ته ڪِري پيو. واٽهڙو اڪرم کيس بچائڻ جي ڪوشش ۾ اندر ويو ته ٻئي ٻڏي فوت ٿي ويا. جن جا لاش ڪڍيا ويا.

بقايا * 13**

عمران خان کي بچائڻ ۾ مصروف آهي. هو چائي ٿو ته اهو شخص ڪرپٽ آهي ۽ ان پاڪستان کي تباهه ڪيو آهي. هن اپوزيشن ۾ سواءِ احتجاج ۽ ڌرڻن جي ڪجهه نه ڪيو اقتدار ۾ اچي به ڪا ڪسر نه ڇڏي. سندس موجب اهو شخص ڌرڻن ۾ چوندو هو ته نواز شريف جي ڳچي ۾ رسو وجهي ڪيس گهلي ڪيندس. ان شخص لاءِ چيف جسٽس پنهنجي ڪيريئر کي داءُ تي لڳائي رهيو آهي. ڪير نٿو چائي ته ان شخص کي آڻيندڙ جنرل باجوا ۽ جنرل فيض هئا. ثاقب نثار جو ڪردار موجود آهي ته نواز شريف، مريم نواز کي جيل ۾ وجهڻو آهي ۽ عمران خان کي آڻڻو آهي. گڏوگڏ هن چيو ته هي انهن ماڻهن جو فيصلو آهي. اهي ڪير هئا؟ جنرل باجوا ۽ جنرل فيض هئا.هن چيو ته سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس اسان خلاف ڇا ڪجهه نه ڪيو. انهن بابت اندران شاهديون اچي رهيون آهن. جسٽس شوڪت صديقي سينيئر جج هو. ان جي شاهدي کان وڌيڪ ڇا ٿي سگهي؟

بقايا * 14**

۽ بي حسي ڪنهن به قيمت تي برداشت نه ڪئي ويندي. اهڙن خيالن جو اظهار گهرو ۽ جيل واري وفاقي وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز سينٽرل پوليس آفيس جي دوري جي موقعي تي ڪيو. ان موقعي تي نگران گهرو وزير سنڌ پوليس جي ڪارڪردگيءَ جو خاص جائزو ورتو ۽ پوليس جي جاچ واري نظام کي وڌيڪ اپ گريڊ ڪرڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان ان کي وڌيڪ موثر بڻائڻ تي زور ڏنو. ان موقعي تي نگران گهرو وزير سنڌ پوليس جي ڪارڪردگي جو به خاص جائزو ورتو هن دهشتگردي، فرقيواريت ۽ انتهاپسندي جي مڪمل خاتمي لاءِ انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز تي زور ڏنو هن وڌيڪ چيو ته ڏوهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ نگران آفيسر کي ڏوهن جي خاتمي جي حوالي سان هڪ جامع حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي. برگيڊيئر (ر) حارث نواز ڪميونٽي پوليسنگ جي حوالي سان جامع پلاننگ ۽ حڪمت عملي شروع ڪرڻ تي زور ڏنو هن چيو ته "پوليس ۽ عام عوام جي وچ ۾ اعتماد جي کوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪميونٽي پوليسنگ ضروري آهي". ان موقعي تي آءِ جي سنڌ چيو ته ڏوهن کي منهن ڏيڻ ۽ شهرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ آءِ ٽي تي ٻڌل پوليسنگ کي فروغ ڏنو پيو وڃي. ان موقعي تي ڊي آءِ جي ايس پي يو سي پيڪ ۽ نان سي پيڪ منصوبن تي ڪم ڪندڙ چيني شهرين جي سيڪيورٽي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. گهرو وزير سي پيڪ جي ٻين منصوبن تي ڪم ڪندڙ چيني شهرين لاءِ اضافي حفاظتي قدمن کي يقيني بڻائڻ تي زور ڏنو هن چيو ته ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. ان بعد گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز سي پي او ۾ واقع پوليس ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو دورو پڻ ڪيو سنڌ پوليس جي ڊائريڪٽر آءِ ٽي گهرو وزير کي ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جي ڪمن بابت بريفنگ ڏني.

بقايا * 15**

اظهر صديق جون به صحيحون ٿيل آهن. ان حوالي سان راشد يعقوب جو موقف آهي ته مون وٽ ليٽر آف انسٽرڪشن آهي ان کان سواءِ مان اڳيان نٿي وڃي سگهيس. هن چيو ته مان پهريون وڪيل آهيان. وڪيل ٿي مون کان پڇندا ته ليٽر آف انسٽرڪشن ڪٿي آهي؟ذريعن موجب ذولفي بخاري ۽ ٻين پي ٽي آءِ اڳواڻن راشد يعقوب طرفان ڪيس عالمي ادارن ۾ کڻي وڃڻ جي سخت مذمت ڪئي آهي. ان حوالي سان عمران خان جي وڪيل چيو ته ذوالفي بخاري ۽ نعيم پنجوٿا الزام لڳائڻ جي بجاءِ فون يا اي ميل اماڻين ها.ياد رهي ته اڳوڻو وزيراعظم عمران خان توشه خانه ڪيس ۾ ٻڌايل 3 سالن جي قيد واري سزا اٽڪ جيل ۾ ڪاٽي رهيو آهي.

بقايا * 16**

ڪري نه سگهيس، نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي عون چوڌري چيو ته مان عمران خان جو ويجهو وفادار دوست هئس هن مون کي بطور فيملي جي ميمبر طور سمجهيو پر هن جڏهن مون کي ٻڌايو ته هو بشريٰ بي بي سان شادي ڪرڻ چاهي ٿو ته مون کي تمام گهڻي حيرت ٿي مون ان کان سوال ڪيو ته ڇا هو خوش آهي؟ ته هن چيو ته جي! ان کان پوءِ مان ٻنهي جي شادي ۾ بطور گواهه شريڪ ٿيس.عون چوڌري چيو ته عمران خان سان گڏ مان ڪيترائي ڀيرا شادي کان اڳ به بشريٰ بي بي سان ملي چڪو هئس هو بني گالا ۾ نه رهندي هئي پر عمران خان شادي کان اڳ بشريٰ بي بي سان ملندو رهندو هو. هو چوندو هو ته منهنجو بشريٰ بي بي سان تعلق روحانيت جي حوالي سان آهي. عمران خان ان وقت ڪافي ڊسٽرب هو.عون چوڌري ٻڌايو ته ان کيس ڪيئن چوان ها ته شادي نه ڪريو. عمران خان 62 کان 65 سالن جو آهي ۽ مان ان کان 15 کان 20 سال ننڍو آهيان. هن کان ننڍي هجڻ سبب مان اهو ڪيئن ٿي چئي سگهيس ته پنهنجي زندگي جو اهو فيصلو نه ڪري. عمران خان جي اڳوڻي گهرواري ريحام خان سان شادي ۽ پوءِ طلاق بابت ڳالهائيندي عون چوڌري چيو ته اهو فيصلو به عمران خان جو هو هن مون کي چيو ته مون کي شادي ڪرڻي آهي جنهن تي مون کيس چيو ته جيڪڏهن اوهان لاءِ اها شادي سٺي ثابت ٿي سگهي ٿي ته اوهان بسم الله ڪريو.

بقايا * 17**

چيو ته نگران وزيراعظم سان ملاقات ڪري معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. رپورٽون آهن ته ترقياتي ڪمن جا فنڊ منجمد ڪيا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته نگران وزيراعظم ب ب وفد کي يقين ڏياريو آهي ته ترقياتي منصوبا بند نه ڪيا ويندا. پيپلز پارٽي جي سينيٽر اهو به چيو ته انوارالحق ڪاڪڙ کي ملاقات ۾ بدلين ۽ مقررين بابت سندس تحفظات کان آگاهه ڪيو ويو آهي. هن چيو ته نگران وزيراعظم کي ٻڌايو ته سنڌ جي ڪيترن ئي اعليٰ آفيسرن کي عهدن تان هٽايو ويو آهي. نثار کهڙي چيو ته نگران وزيراعظم کي ڪراچي ۾ ڪارڪنن جي قتل جي واقعن کان آگاهه ڪيو ويو آهي هن چيو ته لياري مان عثمان هنگورو پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويو آهي جڏهن ته لياري مان اسان جو ايم پي اي علي محمد هنگورو هو ب پ سينيٽر چيو ته سياست ۾ اسان جو طريقو عوام جي نمائندگي ڪرڻ آهي. ملڪ ۾ جلد عام چونڊون ٿينديون، هر اعلان ڪندا ته اهي چونڊون ڪڏهن ٿينديون.

بقايا * 18**

عارف علوي حڪم جاري ڪيو هو ته سيڪريٽري وقار کي هٽائي 22 هين گريڊ جي حميرا احمد کي سيڪريٽري مقرر ڪيو وڃي.ان سلسلي ۾ سيڪريٽري وقار به صدر کي خط لکيو ته هو بي گناهه آهي ۽ جاچ ڪرائي وڃي ته هو پنهنجي بي گناهي ثابت به ڪندو. هوڏانهن حميرا احمد به سيڪريٽري جو عهدو سنڀالڻ کان معذرت ڪري ڇڏي هئي.ان ڏس ۾ اسٽيبلشمينٽ ڊويزن به صدر علوي جا حڪم ٽاڻيندي موقف اختيار ڪيو آهي ته بلن وارو معاملو جيستائين واضح نٿو ٿئي تيستائين وقار احمد ئي سيڪريٽري جي عهدي تي موجود رهندو الزام ثابت ٿيڻ بنا سيڪريٽري کي تبديل نٿو ڪري سگهجي. آخري ڏينهن ۾ صدر علوي کي انتهائي تذليل کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

بقايا * 19**

قلم لاڳو ڪيو ويو آهي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرس مبارڪ 31 آگسٽ کان 3 سيپٽمبر تائين ڀٽ شاهه ۾ منعقد ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ مٽياري ضلعي ۾ قلم 144 لاڳو ڪرڻ وارو ليٽر جاري ڪيو ويو آهي. عرس مبارڪ ۾ هٿيارن جي نمائش تي مڪمل پابندي هوندي.

بقايا * 20**

اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي ماتحت کاتن جي آفيسرن سان تعارفي ملاقات جي دوران ڪيو سنڌ جي نگران قانون واري وزير محمد عمر سومرو چيو آهي ته سنڌ جو قانون کاتي ۾ وڌيڪ اصلاحات آڻينداسين. جنهن جي سمري نگران وزيراعليٰ سنڌ کي موڪلي ويندي ۽ هو گورنر کان منظوري وٺندا. نگران قانون واري وزير محمد عمر سومرو کاتي جي آفيسرن ۽ وڪيل برادري سان ملاقات جي دوران ڳالهه ٻولهه ڪندي وڌيڪ چوڻ هو ته ملڪ جا جيڪي حالات هلي رهيا آهن، ان لاءِ اسان سڀني کي گڏ ڊائيلاگ جي ضرورت آهي. اسان کي صرف ڪراچي تائين محدود ناهي رهڻو بلڪي سنڌ جي سمورن ڊويزنن ۾ به ڊائيلاگ جي ضرورت آهي. اسان کي صوبي ۽ عوام جي بهتري لاءِ ڪم ڪرڻ آهي. بيرسٽر محمد عمر سومرو جو چوڻ هو ته هيومن رائٽس پڻ هڪ پوسٽ آفيس جي طرح هلي رهيو آهي. ان ۾ به وڌيڪ بهتري آڻينداسين. هيومن رائٽس تي جيڪو ٽيڙو هو اهو ناهي ٿيو. اسان گهٽ وقت ۾ سلوگر ڪري وينداسين. اسان کي صرف اين جي اوز تي انحصار نه ڪرڻو آهي. سنڌ ۾ هيومن رائٽس کاتي ۾ ڊسٽرڪٽ بار جا وڪيل تنظيمن کي پڻ ڪم ڪرڻ جو موقعو ۽ فنڊز ڏينداسين ته جيئن نوجوان وڪيل ڪيسز جي پيروي ڪري سگهن. محمد عمر سومرو جو چوڻ هو ته سنڌ جي نگران وزيراعليٰ جي هدايت تي ڀرپور عمل ڪيو ويندو. پنهنجي کاتي جي سيڪريٽريز کان پڻ بريفنگ ورتي آهي کاتن ۾ جيڪا به گهٽتائي هوندي ان کي ختم ڪيو ويندو. سنڌ جي سمورن ضلعن جي ڊسٽرڪٽ بارز ۾ جتي لائبريريز نه آهن ان تي به توجه ڏيڻ جي ضرورت آهي. ڪوشش هوندي ته انهن کي فنڊز فراهم ڪيون.

بقايا * 21**

ڪندي چئي، سيڪريٽري اطلاعات چيو ته وڻ اسان کي آڪسيجن، صاف هوا، خوراڪ، دوائون ۽ جنگلي حيات لاءِ رهائش فراهم ڪندا آهن ۽ آب ۽ هوا کي ڪنٽرول ڪرڻ، مٽي جي خاتمي کي روڪڻ ۽ حياتياتي تنوع جي حفاظت ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز (ڊي جي پي آر) سوائي خان چلگري چيو ته وڻ فطرت سان ويجهڙن لاڳاپن ۽ لاڳاپن لاءِ راهه هموار ڪن ٿا ۽ فطرت اسان جي جماليات، فڪري، ذهني ۽ روحاني اطمينان لاءِ اهم آهي. هن ايف جي آر ايف جي وفد جي ڪوشش جي ساراهيو ان موقعي تي سيڪريٽري اطلاعات نديم الرحمٰن ميمڻ، ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز سوائي خان چلگري ۽ ڊائريڪٽرز يوسف ڪابورو، منصور احمد راجپوت، حزب الله ميمڻ، محمد علي رياض ميمڻ، اختر علي سرهيو، سيد محمد حسن نقوي، امتياز علي جويو، فيصل فاروقي . فدا حسين بالادي، سينيئر ڊپٽي ڊائريڪٽرن سرور سميجو، صاحب خان پنڊ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا ان موقعي تي اطلاعات کاتي جي مختلف ڊائريڪٽوريٽ ۾ مختلف قسمن جا ٻوٽا لڳايا ويا.

بقايا * 22**

مونس الاهي جولاءِ 2022ع کان وڏي رقم ملڪي ۽ غير ملڪي بئنڪ اڪائونٽس ۾ جمع ڪرائي، جولاءِ 2022 ڪانپوءِ هن 384 ڪنال زمين 72 ملين رپين ۾ خريد ڪئي، خريد ڪيل زمين ظاهري طور ڪڪ بيڪ ۽ رشوت جي رقم سان ناهي وٺي. مونس الاهي پنهنجي والد جي وڏي وزير جي عهدي جو غلط استعمال ڪندي گجرات ۾ من پسند ٺيڪيدارن کي ٺيڪا ڏئي رشوت ورتي.

بقايا * 23**

. فائرنگ سبب 3 ڄڻا زخمي به ٿيا آهن پوليس جو چوڻ آهي ته جهيڙو پئسن جي ڏيتي ليتي تان ٿيو آهي، مارجي ويلن جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن علائقي ۾ صورتحال ڇڪتاڻ واري آهي. جڏهن ته علائقي ۾ خوف هراس ڇانيل آهي.

بقايا * 24**

ٿوڙ عدالت 9 مئي تي عمران خان جي گرفتاري ڪانپوءِ شادمان ٿاڻي کي ساڙڻ ۽ پيچ ڏاهڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، جنهن دوران جيل پوليس جوڊيشل رماند ختم ٿيڻ تي سينيٽر اعجاز چوڌري کي عدالت ۾ پيش ڪيو. ڪيس جي مختصر ٻڌڻي ڪانپوءِ عدالت اعجاز چوڌري جي جوڊيشل رماند ۾ 13 ڏينهن جي واڌ ڪري ڇڏي. واضح رهي ته اعجاز چوڌري خلاف شادمان ٿاڻي ۾ ڪيس داخل آهي. ڪيس 11 مئي تي گلگت بلتستان هائوس مان 3 ايم پي او تحت گرفتار ڪيو ويو هو.

بقايا * 25**

ڪيس صدر جيستائين عهدي تي آهي ان خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي سگهي. اسان جي حڪومت ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي ٿو ان جا ذميوار اسان آهيون. ڳالهائيندي سنڌ سماءَ واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو ته اسان جي نوجوانن ۽ مقامي ماڻهن بهادري سان ٻارن کي پروفيشنل انداز ۾ بچايو. وزيراعظم مقامي نوجوانن جي بهادري کان آگاهه آهي. وزيراعظم مقامي نوجوانن جي خدمتن جو اعتراف ڪندو. جڙانوالا سانحي بابت ڳالهائيندي مرتضيٰ سولنگي جو چوڻ هو ته جڙانوالا واقعو اوچتو نه ٿيندو آهي. ان جي هڪ تاريخ آهي، جنهن ۾ ملوث ماڻهن کي سزا ملندي.هن وڌيڪ چيو ته اسان آئين جو حلف کنيو آهي ۽ آئين جي پاسداري ڪنداسين. اليڪشن ڪميشن چونڊون ڪرائڻ لاءِ آئيني ادارو آهي. اليڪشن ڪميشن سمورا شيڊول پنهنجي ويب سائيٽ تي رکيا آهن. قانون ۾ چيو ويو آهي ته سياسي پارٽين کي چونڊ مهم لاءِ 54 ڏينهن ڏنا ويندا. صاف ۽ شفاف چونڊون ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جي آئيني ذميواري آهي.نگران سنڌ سماءَ واري وزير چيو ته جنهن ڏينهن صدر ٽوئيٽ ڪيو هو اسان ان ڏينهن قانوني موقف واضح ڪيو هو ته جيستائين صدر جي عهدي تي آهي. تيستائين سندس خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي ڪري سگهجي. اسان جي حڪومت ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي ٿو ان جا ذميوار اسان آهيون. هن وڌيڪ چيو ته ڪنهن به سياسي پارٽي کي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جي آزادي آهي. اسان جو نه ڪو سياسي دشمن آهي ۽ نه ئي ڪو سياسي دوست. اسان ڪنهن به سياسي پارٽيءَ جي حق يا خلاف نه آهيون. جيڪڏهن قانون، ادارا ۽ عدالتون ڪنهن جي خلاف ايڪشن وٺن ٿيون ته اهي بند نه ٿينديون. مرتضيٰ سولنگي چيو ته مهانگائي هڪ حقيقت آهي. ڪو به ملڪ مهانگو تيل خريد ڪري سستو وڪرو نٿو ڪري سگهي. اسان جي حڪومت ڪو به غلط ڪم نه ڪندي ۽ قوم جو پئسو ضايع نه ڪندي.

بقايا * 26**

ڇڏيو، سنڌ هاءِ ڪورٽ آءِ جي سنڌ ۽ صوبائي گهرو کاتي کي قانوني ڪارروائي جو حڪم ڏنو ۽ آءِ جي سنڌ کي وياج جو ڪاروبار ڪندڙن خلاف ڪارروائي جي رپورٽ سميت 26 سيپٽمبر تائين پيش ٿيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي، عدالت ٻن مهينن ۾ "دي سنڌ پروهيبيشن آف انٽرسٽ آن پرائيويٽ لون ايڪٽ" جا رولز ناهڻ جو به حڪم ڏئي ڇڏيو

بقايا * 27**

کي گرفتار ڪري ورتو، جن ۾ هڪ ڀارتي جاسوس به ٻڌايو ويو آهي، سڄي ملڪ ۾ جاسوسي ۾ ملوث هڪ ڀارتي جاسوس سميت ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، گرفتار جوابدارن هڪ پاڪستاني سهولتڪار آهي. جوابدارن وٽان به ڀارتي پاسپورٽ، هڪ رائونڊز سان گڏ پسٽل، 5 لک ايراني ڪرنسي، جعلي جيولري باڪس، 6 موبائل فونز، هڪ ٽيبليٽ ۽ ٻيا ڪاغذ برآمد ٿيا آهن. جوابدارن جي سڃاڻپ اڪل ديو پٽ مڏو سڏنان جاليڪا ۽ ظهور احمد پٽ امام بخش جي نالن سان ٿي آهي. جوابدارن کي ڪلاڪوٽ ٿاڻي جي حدن مان گرفتار ڪيو ويو. جوابدار اڪل ديو ڀارتي جاسوس آهي. جيڪو پاڪستان جي مختلف اهم ۽ حساس هنڌن جي جاسوسي ڪري رهيو هو جوابدار کي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. ٻنهي جوابدارن طرفان وڌڻ انڪشافن جو امڪان آهي. جڏهن ته جوابدارن جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ به ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا * 28**

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ 2 رپيا 306 رپيا واڌ ٿي هئي.

بقايا * 29**

ٿيو اجلاس چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ سيد حسن نقوي، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (سنڌ پيپلز هائوسنگ اسڪيم ٻوڏ متاثرن بابت (SPHF) خالد محمود شيخ ۽ ٻين آفيسرن نگران وزير کي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي نگران صوبائي وزير محمد يونس ڏاگا چيو ته ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهرن جي تعمير هڪ وڏو منصوبو آهي.هن چيو ته سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي بروقت تعمير لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته 5 لک ٻوڏ متاثر گهرن جي تصديق جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي، انهن جي تعمير لاءِ فنڊ فوري طور جاري ڪيا وڃن ۽ باقي تباهه ٿيل گهرن جي تصديق جو ڪم به جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي. ان موقعي تي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته هر متاثر خاندان کي 3 لک رپيا ڏنا ويندا ۽ متاثر گهرن کي 3 لک رپيا في گهر ڏيڻ جو عمل 6 مهينن جي مقرر مدي ۾ مڪمل ڪيو ويو. ان موقعي تي نگران صوبائي وزير محمد يونس ڏاگا هدايت ڪئي ته 6 مهينن جي مدي ۾ ٿيل تعميراتي ڪم جي رپورٽ مرحليوار پيش ڪئي وڃي. هن چيو ته سمورن ادائيگين ۽ تعميراتي ڪمن ۾ شفافيت ۽ معيار کي يقيني بڻايو وڃي. صوبائي نگران وزير آفيسرن کي هدايت ڪئي ته لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنرن کان دستاويزي عمل کي بروقت مڪمل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ته جيئن متاثر ٿيل گهرن جي رهواسين کي مالڪانا حق ڏنا وڃن ۽ لاڳاپيل اين جي اوز جي مدد سان عمارتن جي معياري تعمير ۾ سهڪار ڪيو وڃي. موثر نگراني کي يقيني بڻائين. محمد يونس ڏاگا چيو ته ٻوڏ متاثرن کي گهر فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي.هن هدايت ڪئي ته ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي تعمير جو ڪم تيزيءَ سان مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن ٻوڏ سبب تباهه ٿيل ماڻهن کي جلد کان جلد رليف فراهم ڪري سگهجي.

بقايا * 30**

موجب اتر آمريڪا جي ملڪ ميڪسيڪو جي اوڪساڪا هاءِ وي تي بس ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو فوت ٿي ويا جڏهن ته هاءِ وي تي ٽريفڪ جي رواني به متاثر ٿي وئي. اختيارين بس حادثي ۾ فوتين جو انگ 16 ٻڌايو ويو آهي جن ۾ 8 مرد ۽ 8 عورتون شامل آهن جڏهن ته 30 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا آهن جن کي علاج لاءِ ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.ان حوالي سان سوشل ميڊيا تي وڊيو به سامهون آئي آهي جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته اڇي رنگ جي بس ڪلٽي لڳي پئي آهي جڏهن ته ريسڪيو ورڪرز ۽ هيوي مشينري روڊ تي مدد لاءِ موجود آهي.

بقايا * 31**

ته صدر علوي وڌ ۾ وڌ 8 سيپٽمبر تائين ايوان صدر ۾ رهي سگهندو. جڏهن ان کان اڳ اهو امڪان هو ته نئين صدر جي چونڊ تائين عارف علوي صدر رهي ها پر تازو بلن تي صحيح نه ڪرڻ واري چالاڪيءَ ڪانپوءِ عارف علوي لاءِ عهدي تي وڌيڪ وقت رهڻ جا امڪان ختم ٿي ويا آهن.اهوئي ڪارڻ آهي جو سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي ۽ قومي اسيمبليءَ جي اڳوڻي اسپيڪر راجا پرويز اشرف ڳجهه ڳوهه ۾ رڪتي صدر ٿيڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ۽ لابنگ شروع ڪري ڇڏي آهي. ايوان صدر جي آفيسرن به صدر کي ڪوڙو قرار ڏنو.ايوان صدر ۾ "لا" شعبي جي سربراهه جسٽس (ر) زاهد حسين به دوستن سان نجي ڪچهري ۾ چيو ته صدر علوي بلن تي نه اعتراض لکيو ۽ نه ئي ان سلسلي ۾ صلاح مصلحت ڪئي. بل پاڻ وٽ روڪي ويهي رهيو. ايوان صدر جي آفيسرن جو ڪو به ڏوهه نه آهي.

بقايا * 32**

جسٽس عمر عطابنديال جي سربراهي ۾ ٿي ٻڌڻي دوران عمران خان جي وڪيل اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس خلاف بي اعتمادي جي درخواست داخل ڪندي چيو ته هاءِ ڪورٽ چار آگسٽ تي اوهان جي درخواستن تي فيصلو ڪيو. پنج آگسٽ تي ٽرائل ڪورٽ جي جج همايون دلاور اسان جي خلاف فيصلو ڏئي ڇڏيو جسٽس مندوخيل ريمارڪس ڏنا ته سيشن عدالت خلاف ڪو اسٽي آرڊر نه هو. ان کي فيصلو ٿي ڪرڻو هو پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل چيو ته پوءِ قانون ۾ 120 ڏينهن جي حد ڇو ڏني وئي آهي؟ سا سڄي عمر اها تلوار ٽنگيل رهندي؟ جنهن تي جسٽس جمال مندوخيل چيو ته قانون ۾ لکيو آهي ته جڏهن ڊڪليئريشن جي ڪوڙي هجڻ جو پتو پوندو ته ان ڪانپوءِ 120 ڏينهن تائين شڪايت داخل ڪري سگهجي ٿي. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلين جا اٺ کان وڌيڪ ميمبر آهن. اليڪشن ڪميشن سوين ميمبرن جي اثاثن جو جائزو هڪ سئو ويهه ڏينهن ۾ نٿو وٺي سگهي. 120 ڏينهن ڪڏهن شروع ٿيندا ان لاءِ دماغ جو استعمال ڪرڻو پوندو آهي. پنج آگسٽ تي اپيل جو فيصلو ٿي ويو. اوهان چئلينج به ڪري ڇڏيو جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته هاءِ ڪورٽ چيو ته اوهان کي تعصب سان گڏ ٽرائل جي تيز رفتاري تي به اعتراض هو. جيڪڏهن ڪو فيصلو غلط آهي ته ان ۾ مداخلت ڪري سگهون ٿا. سپريم ڪورٽ هتي هر جج جي تحفظ لاءِ ويٺي آهي. سپريم ڪورٽ جي جج کان وٺي ماتحت عدالت تائين هر جج جي عزت برابر آهي. ان دوران لطيف کوسي چيف جسٽس کي چيو ته سر، اسان اوهان لاءِ رت ڏنو آهي. اسان قانون جي حڪمراني ۽ عدليا جي آزادي لاءِ قرباني ڏني. جنهن تي جسٽس عمر عطا بنديال جواب ڏنو ته اسان کي خبر آهي اوهان اسان سان گڏ آهيو جڏهن ته جسٽس جمال مندوخيل چيو ته اوهان اسان لاءِ يا ڪنهن شخص لاءِ نه ڪرسي ۽ آئين لاءِ رت ڏنو آهي. چيف جسٽس چيو ته توشا خانا ڪيس هڪ کان ٻي عدالت ۾ ائين نه اچڻ گهرجي ها. عدالتن جي هڪ ترتيب آهي. پيو پيرو توشا خانا ڪيس سپريم ڪورٽ آيو آهي. بهتر ٿيندو ته پهريان هاءِ ڪورٽ فيصلو ڪري. هاءِ ڪورٽ چار آگسٽ جي فيصلي ۾ توشا خانا ڪيس بابت سوالن جي فهرست ٽرائل ڪورٽ اماڻي هئي. ڇا ٽرائل ڪورٽ هاءِ ڪورٽ جي سوالن تي فيصلو ڪيو؟ .جسٽس عمرعطا بنديال وڌيڪ چيو ته درخواست گذار جي شڪايت آهي ها، ڪورٽ فيصلو ڪرڻ بدران ڪيس واپس ٽرائل ڪورٽ ڏانهن اماڻي ڇڏيو ٻڌڻي دوران اليڪشن ڪميشن جي وڪيل امجد پرويز ايڊووڪيٽ چيو ته ٽرائل ڪورٽ فيصلي کان اڳ ٽي ڀيرا جوابدار کي موقعو ڏنو هو. جوابدار جي غيرحاضري تي ٽرائل ڪورٽ توشا خانا ڪيس جو فيصلو ڪيو ان تي جسٽس مظاهر نقوي چيو ته ٽرائل ڪورٽ دفاع جو حق ڏيڻ ڪانسواءِ توشا خانا ڪيس جو فيصلو ڪيئن ڪري ڇڏيو؟ ملڪ جي ڪنهن به عدالت ۾ ڪرمنل ڪيس ۾ جوابدار کي دفاع جو حق ڏيڻ ڪانسواءِ ڪيس جو فيصلو ناهي ٿيندو. توشا خانا ڪيس جي فيصلي جي ايتري تڪڙ ڇو هئي؟ .

بقايا * 33**

ڪئي آهي. تفصيل موجب نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ڪراچي جي دوري جي موقعي تي وزيراعليٰ هائوس پهتو جتي هن جي سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ سنڌ جي نگران وڏي وزير وزيراعظم کي سنڌ حڪومت جي انتظامي معاملن ۽ نگران حڪومت کي پيش ايندڙ مسئلن کان آگاهي ڏني. ملاقات ۾ وزيراعظم سنڌ جي نگران وڏي وزير کي انتظامي معاملن کي بهتر طريقي سان سرانجام ڏيڻ جي لاءِ وفاقي حڪومت جي مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو. ترجمان موجب ملاقات ۾ ٻوڏ متاثرين جي بحالي ۽ انهن جي گهرن جي تعمير واري منصوبي تي ڳالهيون ڪيون ويون. جڏهن ته نگران وڏي وزير نگران وزيراعظم کي ڪراچي جي نالن جي متاثرين جي بحالي کان به آگاهه ڪيو.

بقايا * 34**

چيف کي موجوده انٽيليجنس ۽ دهشتگردي روڪ ڪارروائين تي بريفنگ ڏني وئي، جڏهن ته ڪيس موجوده سيڪيورٽي صورتحال تي به بريف ڪيو ويو آ. ايس پي آر موجب آرمي چيف علائقي ۾ مقرر آفيسرن ۽ فوجين سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ آفيسرن ۽ جوانن جي عزم کي ساراهيو ان موقعي تي آرمي چيف چيو ته شهيد اسان جو فخر آهن. پاڪستان ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ شهيدن جون قربانيون ضايع نه وينديون ۽ پاڪستان ۾ مڪمل امن ۽ استحڪام واپس ايندو هن چيو ته دهشتگردن. انهن جي سهولتڪارن ۽ اڪسائيندڙن کي نه ڇڏيو ويندو. انهن کي رياست اڳيان سرينڊر ڪرڻو پوندو.

بقايا سنڌيار 01

۽ قرڙو جي وارثن سان تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي سهيل اختر عباسي چيو ته هي ڪيس صرف فاطمه جو ناهي هي ڪيس هر باشعور ماڻهون جو ڪيس آهي. انتظاميه کي چونداسين ته هن واقعي کي سنجيدگي سان ورتو وڃي ۽ فل فور قتل ۾ ملوث سيني جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي. هن وڌيڪ چيو ته اسان هر وقت هر موڙ تي شهيد فاطمه جي وارثن سان گڏ آهيون ۽ رهنداسين. ان موقعي تي ساڻس گڏ قاري عبدالحڪيم گهانگهرو وڏيرو صدام ڪلهوڙو وڏيرو مظهر علي ڪلهوڙو ڊاڪٽر نثار علي عباسي عبدالواحد عباسي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 02

۽ موٽر سائيڪل تي سوار 2 هٿياربند سندس ٻيچو ڪندي نظر اچن ٿا. اطلاع موجب دڙو پوليس ۽ ڊي ايس پي ميرپوربٺورو جوابدارن جي سڃاڻپ ٿيڻ باوجود جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام نظر آيا آهن. هوڏانهن پريس ڪلب دڙو ۾ ڳوٺ حسين پور جي رهواسي فقير الهڏنو گگو ۽ سندس ماٽيٽن آفتاب گگو، علي اڪبر گگو، غلام علي گگو ۽ ٻين هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته پوليس سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ ظاهر ٿيل جوابدارن ۾ راشد چانڊيو ظهير چانڊيو کي گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام وئي آهي. فقط واردات جي هڪ سهولتڪار منظور سومرو کي گرفتار ڪيو ويو جنهن کي بعد ۾ آزاد ڪيو ويو. هنن سنڌ جي نگران وڏي وزير، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سڄاول کان مطالبو ڪيو ته قرڙو ملوث جوابدارن کي فورن گرفتار ڪري انصاف ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

معصوم شاگرد ۽ شاگرديائيون وڻ هيٺان زمين تي پلاسٽڪ چٽائي وڇائي تعليم پرائي رهيا آهن. جڏهن ته اسڪول ۾ ڪا به سهولت نه هئڻ ڪري ٻارڙا سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. ٻئي طرف سڄاول پرسان ڳوٺ سانوڻ ڪندرا جي پرائمري اسڪول گذريل 8 سالن کان بند هئڻ ڪري ڳوٺ جا سوين ٻارڙا تعليم جي زيور کان محروم آهن ۽ ٻارڙن جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي. ڳوٺاڻن لاڳاپيل اداري جي اعليٰ عملدارن کان اسڪول جي عمارت تعمير ڪرائڻ سميت ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 04

۾ جهنگلي جانورن جو خاتمو آڻي ڳوٺاڻن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 05

ٽڪا لڳايا ويندا ان سلسلي ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان جي صدارت هيٺ اهم گڏجاڻي ڪميٽي روم ۾ پڻ منعقد ڪئي وئي، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته مهر جي ڪاميابي جو دارومدار جامع مائڪرو پلان تي آهي مهم شروع ٿيڻ کان اڳ سوشل ويلفيئر کاتو ۽ ضلعي بدين ۾ ڪم ڪندڙ اين جي اوز سان گڏجي شهري توڙي ڳوٺاڻن علائقن ۾ حفاظتي ٽڪن بابت ماڻهن کي آگاهي ڏني وڃي ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان شهرين کي پڻ اپيل ڪئي ته هو ان مهم ۾ صحت کاتي سان سهڪار ڪن ۽ موذي بيمارين کان بچاءَ لاءِ پنهنجن ٻارڙن کي حفاظتي ٽڪا ضرور لڳرائن هن چيو ته اسان سڀني جي ذميواري آهي ته اسان پنهنجن ٻارڙن کي حفاظتي ٽڪن جو ڪورس مڪمل ڪرايون ان موقعي تي اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر ڪريم بخش گاڏاهي پوليو، اي پي آئي ۽ سرويلينس متعلق تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ظهيرالدين ميمڻ، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر دين محمد ڏيرو، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آئي بشيراحمد عباسي، ڪميونيڪيشن آفيسر سهيل راڄوڙ ۽ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ اين جي اوز جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 06

تفصيل موجب مانجهند مان 20 ڏينهن اڳ شڪي جوابدار مڙس شير محمد حاجاڻو جي عيوضي ۾ نواب شاهه پوليس طرفان ڪنيي گم ڪيل ڳورهاري عورت حسنا حاجاڻو جي بازيابي لاءِ 11 ڏينهن به عورتن ۽ مردن طرفان ڌار ڌار علامتي بک هڙتال ڪئي وئي ڪيمپ تي حمايت ۾ ايس يو پي ليڊيز ونگ جي سينئر نائب صدر ۽ ضلع ڪائونسل ميمبر ڄامشورو ياسمين ٽيهو پهچي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ياسمين ٽيهو چيو ته مڙس جي عيوضي ۾ وني کي ڪنهڻ سراسر ناانصافي آهي نوابشاهه پوليس ٻاڙن جي ونگار رهندي جهنگ جو قانون تحت عورت کي بنا ڏوهه جي قيد ڪري ويني آهي جيڪو انساني حقن جي خلاف ورزي آهي هن اعلان ڪيو ته 25 آگسٽ تي انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪرڻ واري سڏ کي ڀرپور موٽ ڏيندي سوين عورت ڪارڪنن سان گڏ ڌرڻي ۾ شريڪ ٿينداسين ان موقعي تي دودو حاجاڻو غلام رسول اداس حاجاڻو يوسف عمراڻي محمد عمر ابڙو اڪرم ڪوسو گلزار ملاح شاهه عنايت برهماڻي پڻ ڪيمپ تي موجود هئا

بقايا سنڌيار 07

محمد قرڙو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پيراڻي حويلي ۾ تشدد بعد قتل ڪيل فاطمه قرڙو جي ڪيس ۾ گهربل مڙني جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي، هوڏانهن پي پي اڳواڻ سردار شاهنواز خان خشڪ ۽ ضلع ڪائونسل نوشهروفيروز چيئرمين سهيل اختر عباسي پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر نثار عباسي، ڳوٺ علي محمد قرڙو پهچي فاطمه قرڙو جي وارثن سان تعزيت ڪئي، چيو ته هر محاذ تي فاطمه جي وارثن سان گڏ بيٺل هونداسين ۽ سندن سهائتا ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 08

سرڪاري قيمت کان چار روپيا وڌيڪ اگهه وٺڻ تي هڪ لک روپين جو ڏنڊ هڻي ڪين حڪم ڪيو ته ماپ ۽ تور صحيح ڪري سرڪار پاران مقرر ڪيل اگهه تي پيٽرول فروخت ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ پيٽرول پمپ سيل ڪري مٿن ڪيس داخل ڪرڻ جي وارننگ ڏني وئي

بقايا سنڌيار 09

۾ اسپتال آيل هيس ته پوليس جي موجودگي ۾ اسپتال اڳيان بيٺل نئين ماڊل جي گريس موٽرسائيڪل نامعلوم چاٻي چور ڪاهي فرار ٿي ويا، هن چيو ته نوشهروفيروز پوليس بدامني تي ڪنٽرول ڪرائڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي چوري، ڦرون ڌاڙن جي وارداتن ۾ مسلسل اضافو پوليس جي ناڪامي آهي، هن ايس ايس پي نوشهروفيروز رٽائرڊ ڪيپٽن صدام خاصخيلي کان مطالبو ڪيو ته سول اسپتال مان چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي ڏني وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 10

ريلي سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل دادو جي اڳواڻ غوث جهتيال اياز ٻرڙو رحمان قمبراڻي سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل تعلقي دادو جي صدر ڪامران ڪوراڻي دادو پريس ڪلب جي صدر صابر علي پنڊ سينيئر صحافين ولي چانڊيو ولي محمد لنڊ سرور جلال سولنگي عدل مهيسر آزاد بلوچ سميت سول سوسائٽي جي نمائندن مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي عورت اڳواڻن ضلع ڪائونسل دادو جي ميمبر پ پ پ اڳواڻ حسينه لغاري ارم عباس سولنگي روزينه جتوئي وفدن جي صورت ۾ احتجاجي ريلي ۾ شرڪت ڪئي صحافي جان محمد مهر جي قتل واقعي تي دادو جي باشعور ماڻهن ڀرپور احتجاج ڪيو قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪندي جڏهن احتجاج ڪندڙ سوين ماڻهو ايس ايس پي چونڪ تي ڪجهه دير لاءِ ڌرڻو هنيو ته انڊس هاءِ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي بعد ۾ احتجاج ڪندڙ سوين مظاهرين جڏهن دادو پريس ڪلب پهتا ته مظاهرو وڏي احتجاجي ميڙاڪي ۾ تبديل ٿي ويو ان موقعي تي دادو جي سياسي سماجي ڪاروباري مذهبي جماعتن سميت صحافتي تنظيمن جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي نامياري جاڪوڙي بيباڪ بهادر صحافي جي قتل واقعي کي 10 ڏينهن گذري ويا آهن بزدل قاتلن کي سنڌ پوليس گرفتار ڪري نه سگهي آهي سکر ايس ايس پي سنگهار ملڪ کي هٽايو وڃي قاتلن جي گرفتاري تائين سڄي سنڌ سراپا احتجاج آهي سنڌ ۾ صحافين کي ڪوبه تحفظ نه آهي قلم ڌڻين کي سچ لکڻ تي خون ڪيو وڃي پيو سنڌ ۾ ٿورڙي عرصي اندر ڪيترائي صحافي قتل ڪيا ويا آهن ڪيترن صحافين کي مارڻ جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن حڪومت وٽ صحافين جي تحفظ لاءِ جوڳا انتظام نه آهن جنهن ڪري روزانو ڪنهن نه ڪنهن ماءُ جي جهولي خالي ڪئي پئي وڃي قاتلن کي کلي ڇوٽ ڏني وئي ته اهي قلم ڌڻين کي کلي عام شهرن ۾ مارين اجوڳي احتجاج ۾ شريڪ هر مڪتب فڪر جي ماڻهن صحافين جي تحفظ جي گهر ڪري ڇڏي هر مڪتب فڪر جي ماڻهن جي احتجاجي ريلي ۾ شرڪت ان ڳالهه جوچٽو ثبوت آهي ته شهيد صحافين جي قاتلن کي گرفتار ڪري ڪيفرڪردار سزا ڏني وڃي مظاهرين جي هٿن ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي تصويرن جا بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا دادو سميت مختلف شهرن ميهڙ ڪي اين شاهه ڪڪڙ نئون ڳوٺ راڌڻ سيتاروڊ ڦلجي اسٽيشن خانپور خدا آباد واهي پانڌي جوهي هيرو خان سميت دادو ضلعي مختلف شهرن جي صحافين سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي ساٿين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي ۾ سڪيورٽي جا انتظام دادو پوليس پاران سرانجام ڏنا ويا

بقايا سنڌيار 11

۽ ٻين سان گڏ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته 11 ڏينهن اڳ منهنجي ڌيءُ مائره ٻاڙي ۾ ڪپڙا ڏيڻ لاءِ وڃي رهي هئي ته رستي ۾ جوابدارن سونو عرف سعيد لاڪو سلمان لاڪو شڪيل لاڪو منهنجي ڌيءُ مائره کي اغوا ڪري اڻڄاتل هنڌ وٺي ويا ۽ زبردستي زيادتي جي ڪوشش ڪئي، پوليس ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو، هاڻي جوابدار ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ دٻاءُ وجهي سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 12

۽ استادن جي سڀني مسئلن سروس اسٽرڪچر، بائيوميٽرڪ PST کان HST ٽرانسفر B.ed جي سينيارٽي سميت ٻين اهم مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، گڏجاڻي ۾ غلام رسول مهر ۽ شڪور سارنگ استادن کي سندن جائز مسئلا حل ڪرڻ جي پڻ خاطري ڪرائي. گڏجاڻي ۾ پ ٽ الف ضلعي ٽئي جي صدر محمد شريف ٽنيو پ ٽ الف سنڌ جي مرڪزي صدر غلام رسول مهر ۽ مرڪزي خزانچي شڪور سارنگ جو ٿورو مڃيندي ڪين سنڌ جي سوکڙي اجرڪن، لونگين ۽ هار جا تحفا پيش ڪيا. گڏجاڻي ۾ پ ٽ الف ضلعي ٽئي جو جنرل سيڪريٽري غلام محمد ٻارڄ، سينيئر نائب صدر خير محمد بروهي، پ ٽ الف ضلعي جو آفيس سيڪريٽري عبدالغفور ڪلمتي، پ ٽ الف ضلعي ٽئي جو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر محمد سرور، سٽي ٽئي جو صدر غلام مصطفيٰ مينگل بروهي، تعلقي ٽئي جو صدر محمد علي ٻبر، تعلقي ميرپور ساڪري جو صدر غلام حيدر ڪلمتي، تعلقي گهوڙاٻاري جو صدر لياقت علي چانڊيو ٽئي سٽي جو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري احمد مغل احسان ميمڻ تعلقي عهديدار اڪبر بلوچ، دلمراد ڪلمتي، محمد علي شر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 13

وارثن وٽ پير اسد شاهه کي بچائڻ لاءِ پير آف هالائي سيد ابرار شاهه سرگرم ٿي ويو هوندو ته نياڻي جو ناحق قتل لوڙهڻ ۽ وحشي قاتل اسد شاهه کي بچائڻ جون ڪوششون پهرئين ڏينهن کان جاري هيون، جنهن ۾ فاطمه قرڙو جي وارثن کي هر صورت ۾ خاموش چپ ڪرائڻو هو. جڏهن سوشل دوست ۽ مقامي صحافين آواز بلند ڪيو ته اسد شاهه سوگهو ٿيو، انهيءَ صورتحال کي مدنظر رکندي يا ڏسندي هاڻ پير آف هالائي ابرار شاهه ميدان تي ظاهر ٿيو آهي، اڄ شهيد نياڻي فاطمه قرڙو جي وارثن سان سندن تڏي تي مليو آهي، هاڻ ڏسڻو اهو آهي ته شهيد فاطمه قرڙو جا وارث، شهيد ناظم جوکيو جي وارثن جيان خون جو سودو ڪن ٿا يا وري مائي جندو جيئان

روزاني سنڌيار
Reg No 2677
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4179440-8
www.dailysindhyar.com
PRESS

روزاني **سنڌيار** کي نمائندا گهرجن

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني **سنڌيار** کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي، پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com

پنهنجي ڳالهه تي اٽل بيهي اسد شاهه جي ڳچيءَ ۾ ڦاهيءَ جو ڦندو وجهڻ چاهين ٿا.

بقايا سنڌيار 14

ڪان هزارين روپيا ڦرڻ ۾ مصروف آهن صحت کاتو سنڌ اگهور ننڊ ستل آهي نگران حڪومت کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل. تفصيل موجب. گذريل ڪجهه مهينن کان سکر ضلعي سميت سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ رهندڙ ماڻهو خطرناڪ بخار ۾ وٺجي ويا آهن بيمار کي ڪڏهن سيءُ سان ته ڪڏهن بغير سيءُ سان بخار اچي ٿو اهڙي وبائي بيماري سنڌ جي شهرن ۾ پکڙجي وئي آهي. جنهن بخار جي لاءِ ڊاڪٽرن جوچوڻ آهي ته ميريا هوندي ٽائيفائيڊ هوندي پر ٽيسٽ ۾ ظاهر نٿي ٿئي. اهڙي خطرناڪ بخار جو علاج نجي اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن پاران مليريا وارو ڪرڻ سان گڏوگڏ گلوڪوز واريون ڊريون هڻي غريب مريضن کان هزارين روپيا ڦرڻ ۾ مصروف آهن پر صحت کاتو سنڌ هن وقت تائين اگهور ننڊ ستل آهي جنهن ڪري سکر جي بيسڪ هيلٿ يونٽن ۾ ۽ تعلقه اسپتال روهڙي سميت سکر جي ڪنهن به سرڪاري اسپتال ۾ خطرناڪ وبائي بخار جو سٺو علاج نه ٿيڻ سبب عوام پريشان آهي ۽ پرائيوٽ اسپتالن ۾ ڦرجڻ تي مجبور آهي. سڄاڻ ڌرين پاران نگران حڪومت کي اپيل ڪئي آهي ته نوٽيس وٺي سنڌ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ تجربيڪار ڊاڪٽرن جون ٽيمون موڪلي ڦهليل بيماري تي ضابطو آڻي عوام کي صحت جون سهولتون مهيا ڪيون وڃن.

بقايا سنڌيار 15

محمد نواز رند،وڪيل زاهد علي سومرو،وڪيل سيد غلام حسين شاهه،وڪيل اياز احمد نوناري الزام هيٺ آيل اڳوڻو ايس ايڇ او ٿل غلام نبي بجاراڻي اڳوڻو ايس ايڇ او آباد نبي بخش ڏاهاڻي پيش ٿيا. عدالت ۾ صدام لاشاري کي هوٽل تان کڻڻ ۽ سندس ٿاڻي ۾ ملاقات ڪندڙ شاهدن جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا جڏهن ته الزام هيٺ آيل ايس ايڇ اوز جو وڪيل اطهر عباس پاران ڪيس بابت تيار نه ڪرڻ جو سبب ڄاڻايو جنهن ڪانپوءِ عدالت پاران ٻڌڻي ٻيهرين سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

بقايا سنڌيار 16

جٽ ڄاڻايل اسڪول پهچي ڪري اسڪول ۾ تدريسي عمل بحال ڪرائي ماستريائي مقرر ڪري ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ شازيا سليم جٽ ٻڌايو ته نياڻين جي تعليم متاثر ٿيڻ جي حوالي سان هليل خبرن بعد اسان اسڪول ۾ ماستريائي مقرر ڪري ڇڏي آهي ۽ ڳوٺ جي نياڻين جي تعليم بحال ڪري ڇڏي آهي.

بقايا سنڌيار 17

جو مستقبل روشن ٿي سگهي، اڳواڻ تفصيل موجب ميرپورماٿيلو ويجهو پرائمري اسڪول ڪمال خان مشوري جي شاگردن پاران ڊي او پرائمري جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي شاگردن ۽ ڳوٺاڻن احمد مشوري، نادر مشوري، دلدار مشوري ۽ ٻين چيو ته اسان جي اسڪول ۾ 3 سئو کان وڌيڪ ٻارڙا تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، پر هتي صرف 2 استاد آهن جنهن سبب ٻارڙا تعليم نه ٿا حاصل ڪري سگهن هنن مطالبو ڪيو ته اسان جي پرائمري اسڪول ڪمال خان مشوري ۾ وڌيڪ استاد مقرر ڪيا وڃن ته جيئن ٻارڙا صحيح طريقي سان تعليم حاصل ڪري سگهن ۽ انهن جو مستقبل روشن ٿي سگهي..

بقايا سنڌيار 18

ننڍن وڏن شهرن ۾ بدامني وڌي رهي آهي. شهرين کي ڏينهون ڏينهن ڦريو پيو وڃي، سکر جي سينيئر شهيد صحافي جان محمد مهر ۽ راڻيپور ۾ معصوم نينگري فاطمه جو قتل به ان ئي ڊڪيت راڄ جو نتيجو آهي. سنڌ پوليس جي ناقص ڪارڪردگي سوال آهي. جيڪڏهن ائين ئي رهيو ته سنڌ جون حالتون وڌيڪ خراب ٿينديون. جاري ڪيل بيان ۾ هن سکر جي سينيئر شهيد صحافي جان محمد مهر ۽ راڻيپور ۾ معصوم نينگري فاطمه جي قتل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ مسلم ليگ ن اسان شهيدن سان گڏ بيٺا آهيون ۽ انهن لاءِ هر پليٽ فارم تي آواز اٿارينداسين ۽ جيستائين قاتلن کي عبرتناڪ سزا نه ملندي تيستائين خاموشي سان نه ويهنداسين. سنڌ پوليس خاص ڪري سکر پوليس جي ناقص ڪارڪردگي سبب سکر جي صورتحال خراب ٿي وئي آهي. سنڌ جو ڪو به شهر ناهي جتي بدامني جي لهر نه هجي، عوام جي شڪايتن باوجود پوليس ڏوهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪا حڪمت عملي طئ ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هن چيو ته هن وقت تائين صحافين تي 140 کان وڌيڪ حملا ٿي چڪا آهن. ملڪ ۾ گذريل پنجن سالن کان احتجاج ڪيو ويو پر ڪير به پڇڻ وارو ناهي، اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان صحافت جي آزادي جي حوالي سان دنيا ۾ 197 نمبر تي آهي، اسان انهن جي تعاقب ڪنداسين جيستائين انهن کي سزا نه ملندي ۽ اسان مطالبو ٿا ڪريون ته معصوم نينگري جي قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 19

ان موقعي تي هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ صبح منهنجو پٽ پنهنجي زرعي زمين تي ڪم ڪري رهيو هيو ته بااثر عاشق حسين چانڊيو، سندس پٽ دادلو خان چانڊيو ۽ حاجي خان چانڊيو وارن هٿيارن جي زور تي منهنجي پٽ مٿان حملو ڪري لٺيون هڻي ڪيس زخمي ڪري وڌو آهي. جنهن کي اتي موجود ٻارن ڇڏايو آهي، هن چيو ته اسان فقراڻي ماڻهون آهيون اسان سان بيگناهه بيواجبي ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه هو اڃا به اسان کي ڌمڪيون ڏئي ويا آهن ته توهان کي نه ڇڏينداسين، هن ايس ايس پي قمبر، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻا آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 20

وچم مقابلو هلندڙ آهي پوليس ۽ ڏوهارين وچم اينٽي ايئرڪرافٽ گن راڪيٽ لانچر توڙي ماٽر گن جو پڻ استعمال ڪيو پيو وڃي، آپريشن جي اڳواڻي خود ايس پي ڪشمور امجد شيخ ڪري رهيو آهي فائرنگ سبب علائقي ۾ ڌهڪاءُ پکڙيل آهي. فائرنگ سبب پوليس آر ڊي 219 پل کان دراني مهر ٿاڻي تائين رستا سيل ڪري پوليس ڏوهارين سان مقابلو ڪري رهي آهي، فائرنگ سبب هن وقت تائين جاني نقصان جا ڪي به اطلاع ناهن ملي سگهيا ايس ايس پي ڪشمور امجد احمد شيخ جو چوڻ آهي ته مغوين جي بازيابي ۽ روپوش جوابدارن جي زنده يا وري مرده گرفتاري تائين پوليس جو دراني مهر واري علائقي ۾ آپريشن کي جاري رکيو ويندو. آخري اطلاعن موجب پوليس انڌيرو ٿيڻ سبب واپس موٽي ويئي ۽ ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي.

بقايا سنڌيار 21

ڪامورن جا پول پڌرا ڪري ڇڏيا 130 ملازمن جون پگهارون بند ڪرڻ ۽ 50 کان وڌيڪ ملازمن جي پگهارن مان ڪٽوتي تي ميونسپل يونين آفيس جي تالا بندي جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو ميونسپل يونين جي سڏ تي ملازمن ميونسپل آفيس کان پريس ڪلب تائين مارچ ڪري ڌرڻو هنيو ميونسپل جو سي ايم او اياز پنهور ۽ اڪائونٽنٽ جاويد راهپوٽو بنا جواز 130 ملازمن جو پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن 50 کان وڌيڪ ملازمن جون پگهارون ڪٽوتي ڪيون ويون آهن هڪ ڏينهن غير حاضر رهڻ تي 10 هزار پگهار ڪٽوتي ڪرڻ ملازم دشمني آهي شهر جو گند ۽ ماڻهن جي غليظ کڻندڙ ملازم کي هڪ ڏينهن به موڪل ناهي گند کڻندڙ لوڊر رڪشا ۽ مشينري 80 سيڪڙو خراب هجڻ باوجود 50 لک روپيه ماهوار بجيٽ ڪڍرائي ڪرپشن ڪئي پئي وڃي جيڪا مشينري خراب آهي ان جون به تيل پرچيون ناهيون ويون آهن جنهن جا ثبوت موجود آهن ميونسپل ڪامورن 110 ملازم ڊيلي ويجز تي ڀرتي ڪيا آهي وائيٽ ڪالر ملازم ڪئي آهن انهن جا 11 لک ماهوار ڪامورا کٽن ٿا جيڪي ملازم ڊيوٽيون ڪن ٿا انهن جون پگهارون بند ڪرڻ نا انصافي آهي ڪنهن به ملازم سان نا انصافي ٿيڻ نه ڏينداسين ملازمن جون پگهارون جاري نه ٿيون ۽ ملازمن جا ڪٽيل پئسا ملازمن کي نه مليا ته سڀاڻي کان آفيس جي تالا بندي ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 22

تعلقي ميرپور بٺوري جي پڙهيل نوجوانن کي ساڳئي ڏينهن تي 3 وڳي هاءِ اسڪول ميرپور بٺورو ۾ ڀرتي ڪيو ويندو. اهڙا خواهشمند نوجوان مقرر ڪيل سينٽرن تي پهچي پاڻ کي فوج ۾ ڀرتي ڪرائي ملڪ ۽ قوم جي بهتر خدمت ڪن

بقايا سنڌيار 23

علي پٽو عبدالسميع جتوئي، لياقت ميراڻي ۽ ٻين چيو ته راڻيپور ۾ 10 سالن جي نينگري فاطمه قرڙو کي جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻائي بيدرديءَ سان قتل ڪري ڇڏيو جنهن واقعي جي ايف آءِ آر اسد شاهه سندس گهر واري ۽ ٻين مٿان داخل آهي جنهن ڪيس ۾ ملوث ٻين جوابدارن کي پوليس گرفتار نه پئي ڪري جڏهن ته اهڙي واقعي تي سنڌ حڪومت خاموش تماشائي بڻيل آهي پر سنڌ جا نوجوان باشعور آهن ۽ اسين اهڙي واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي گهر ٿا ڪريون ته فاطمه قرڙو جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦاهي تي چاڙهيو وڃي ۽ اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ قدم کڻي معصوم نياڻين جي زندگين کي محفوظ بڻايو وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 24

شرڪت ڪئي، گڏجاڻي ۾ ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ پراڊڪشن بونس تي تحت ٺهندڙ ادارن اين آءِ سي وي ڊي سپتال ، لا ڪاليج ، نرسنگ ڪاليج ۽ ٻين سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ ضلعي جي پڙهيل لکيل نوجوانن کي روزگار نه ڏيڻ نظرانداز ڪرڻ تي جدوجهد ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو . ان موقعي تي پيراحمد سعيد جان سرهندي چيو ته اسان ضلعي اندر هڪ سگهاري ڪاميٽي جوڙي رهيا آهيون جنهن کي جلد کان جلد رجسٽرڊ ڪرايو ويندو ، جيڪا پنج رڪني آرگنائيزر تي مشتمل هوندي . ان ڪاميٽي ۾ ٽنڊو محمد خان ميونسپل ڪاميٽي ، ٽائون ڪاميٽي ٽنڊو غلام حيدر ، ٽائون ڪاميٽي بلڙي شاهه ڪريم ۽ ٽنهي تعلقن جي يونين ڪائونسل مان ۽ ان جي هر ديه مان هڪ نمائندو چونڊيو ويندو . ڪاميٽي جو ڪم فلحال صرف ون پوائينٽ ايجنڊا ٽنڊو محمد خان جي نوڪري ٽنڊو محمد خان جي نوجوان کي ڏني وڃي ، جو جو جنهن ضلعي ۾ ادارا ٺاهيا ويا آهن يا ٻيا ادارا ٺهن پيا ته نوڪري جو حق پهرين اتي جي مقامي ماڻهن جو آهي انهن کي نوڪري ڏني وڃي ، هن چيو ته ضلعي اندر سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏنيون ويون آهن جنهن ۾ نوڪريون پئسن تي پڻ وڪيون ويون آهن جنهن جي ڪري ضلعي جي پڙهيل لکيل غريب نوجوان طبقي کي نظرانداز ڪري انهن جا حق ماريا ويا آهن ، هن چيو ته ڪاميٽي جو مقصد بيروزگار مقامي ماڻهن کي پنهنجي ضلعي ۾ روزگار ڏيارڻ آهي . 28 آگسٽ تي 1122 ريسڪيو ۾ ضلعي ٽنڊو محمد خان اندر واڪ ان انٽرويو ٿي رهيا آهن جنهن ۾ نوجوانن کي ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي ، جنهن ۾ اسان جي ڪوشش آهي ته نوڪريون مڪمل ميرٽ تي ۽ مقامي ماڻهن کي ڏياريون وينديون ، جيڪڏهن ان ۾ ڪا سياسي مداخلت ٿي ته سخت احتجاج ڪيو ويندو. گڏجاڻي ۾ پير عبداللطيف جان سرهندي، آبادگار اڳواڻ نبي بخش سليو، سماجي اڳواڻ عبدالحفيظ سنيو ڪاظم چانڊيو ڊاڪٽرامير علي چنا، سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي اڳواڻ اعظم پٽي، شهر اتحاد جي صدر نور حسن ڪوڪر، ارباب اسد سمون، غلام مصطفيٰ ڪندرا، الطاف جگسي، صدام حسين پلي، عطاءُ الله لنڊ، صحافي محمد انصار گدي، مير آزاد ٽالپر، اختر حسين لغاري، آصف بلوچ، شرجيل ميمڻ، خدا بخش خاصخيلي، علي نواز گهراڻو منور علي قمبراڻي، شاهنواز جبار مگسي، ايوب مگسي خليل ميمڻ، غلام عباس ڪالرو ۽ ٻين سياسي سماجي اڳواڻ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 25

جي سمورن ضلعن پنهنجي تفصيلي رپورٽ ۽ سفارشون صوبائي ڪميٽي آڏو پيش ڪندي گذريل 3 چونڊن جي نتيجن کي نظر ۾ رکندي سمورن تڪن جي فهرست تجويز ڪري صوبائي جماعت کي پيش ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو اجلاس ۾ نئين تڪبندين، سياسي پارٽين سان اتحاد جي صورتحال تي به خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪري صوبائي جماعت طرفان سمورن تڪن تي 3، 3 مضبوط اميدوار تجويز ڪرڻ بابت جاري ڪيل هدايتن موجب اڄ سمورن ضلعن جي اميدوارن جي فهرست صوبائي ڪميٽي آڏو پيش ڪئي وئي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته مقامي ۽ علائقائي سطح تي يا ڪنهن سياسي پارٽي سان چونڊ اتحاد جي صورت ۾ ضلعن سان صلاح مشوري کان پوءِ تجويزون حتمي فيصلي لاءِ صوبائي پارٽي کي پيش ڪيون وينديون. اجلاس ۾ سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن جي سياسي، قبيلائي ۽ سماجي شخصيتن کي جميعت علماءِ اسلام ۾ شموليت لاءِ سمورن ضلعن ۾ رابطا مضبوط ڪرڻ جو پابند بڻايو ويو اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته وومين ونگ کي فعال ڪيو ويندو ۽ اليڪشن ڪميشن جي ضابطن موجب ايندڙ چونڊن ۾ اميدوار طور نامزد ڪيو ويندو. اجلاس کي خطاب ڪندي مولانا ناصر خالد محمود سومرو چيو ته جميعت علماءِ اسلام هميشه عالمي قوتن جي خلاف جنگ وڙهي رهي آهي ۽ مستقبل ۾ به جنگ وڙهندي رهي، جميعت علماءِ اسلام عام چونڊن ۾ ڀرپور نمونو حصو وٺي نه صرف سنڌ پر ملڪ جي ٻين علائقن ۾ پنهنجا اميدوار بيهاري مقابلو ڪندي ان لاءِ مشاورت جاري آهي، هي اجلاس به ان جي ڪڙي آهي، تمام جلد حتمي مشاورت مڪمل ڪري پوري تياري سان چونڊن جي ميدان ۾ لهنداسين.

بقايا سنڌيار 26

قتل ڪيو هو جنهن جو ڪيس پڻ داخل ٿيل آهي. قيوم ڦلپوٽو جي قتل ۾ اسان جي ماڻهن جا نالا ڏئي گرفتار ڪيو ويو آهي. جوابدار اسان جي ماڻهن مير محمد، ماجد علي، دين محمد، محمد حنيف کي بلاجواز تنگ ڪندي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته پوليس اسٽيشن ٻائجي شريف هالاڻي پوليس پڻ جوابدار ڌر خلاف ڪابه ڪاروائي نه پئي ڪري. هنن مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 27

پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو.

بقايا سنڌيار 28

وزيرستان ۾ شهيد ٿيل جوان کي فوجي اعزاز سان متي ماءُ حوالي ڪيو ويو نوجوان جيئند منگي جو مڙهه وزيرستان کان اباڻي ڳوٺ پهچايو ويو.شهادت ماڻيندڙ نوجوان جي جنازي نماز اباڻي ڳوٺ گلبهار منگي ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ فوجي آفيسرن، فوجي جوانن توڙي علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. نوجوان کي اباڻي قبرستان ۾ فوجي اعزاز سان متي ماءُ حوالي ڪيو ويو فوجين جي دستي پاران شهيد ٿي ويل جوان کي سلامي پڻ ڏني وئي، واضح رهي ته گذريل ڏينهن نوجوان جيئند پٽ شهزادو منگي وانا وزيرستان ۾ دشمن سان مهاڏو اٽڪائيندي شهيد ٿي ويو هو.

بقايا سنڌيار 29

ساريو جي ٻن دڪانن جي ڇت تي ويل پنج سولر پليٽون چوري ڪري کڻي ويا ، اطلاع باوجود ڪڪڙ پوليس چورن آڏو بيوس بڻجي ڪک پڇي بيٺو ته ڪيو هوڏانهن ڪڪڙ جي ڪاروباري ماڻهن پوليس جي ڪارڪردگي تي ڳڻتي جواظهار ڪندي ايس ايس پي دادو کان بدامني جو نوٽيس وٺي چوري ٿيل سولر پليٽن جي واپسي جو مطالبو ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 30

وڏيرو محمد عرس گندرو، محمد ايوب ملاح سميت گندرا برادري جي ماڻهن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي فيصلو ڪري 26 آگسٽ تي شهيد اسامه آدم گندرو جي 15 هين ورسي مڪلي تي ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو، گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو ۽ وڏيرو محمد عرس گندرو چيو ته شهيد اسامه گندرو کي 15 سال اڳ ڪراچي يونيورسٽي ۾ تعليم پرائيندي دهشتگردن گوليون هڻي شهيد ڪري ڇڏيو هو جنهن جا اڄ تائين قاتل به گرفتار ٿي ناهن سگهيا، هنن چيو ته شهيد اسامه گندرو تمام ذهين شاگرد هو جنهن پوري سنڌ مان پوزيشن حاصل ڪئي هئي، هنن چيو ته شهيد اسامه گندرو جي 15 هين ورسي جي موقعي تي 26 آگسٽ واري ڏيهاڙي تي ڪينجهر هائوس مڪلي تي قرآن خواني ڪرائڻ بعد شام 4 بجي مڪلي تي سندس ورسي ملهائي ويندي، جنهن ۾ مقررين شهيد اسامه گندرو جي زندگي تي روشني وجهندا، گڏجاڻي ۾ شهيد جي ايصال ثواب لاءِ خصوصي دعائون گهرڻ سميت سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهرجا قاتل گرفتار ڪري شهيد فاطمه قرڙو جي قاتل کي سخت کان سخت سزائون ڏيارڻ جي پڻ گهر ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 31

يوسي شادي شهيد جي ڳوٺ هادي بخش شنباڻي جي رهواسين لحاظ الدين شنباڻي عبدالصمد شنباڻي ارشاد علي شنباڻي قمر الدين شنباڻي الله وسايو مسمات موران وڪيلان شنباڻي ۽ ٻين احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ اسان جو نوجوان رڪشو هلائيندڙ محمد صالح شنباڻي خيرپور کان پنهنجي ڳوٺ هادي بخش شنباڻي اچي رهيو هو ته 8 هٿيار بند امتياز شنباڻي نثار شنباڻي غلام نبي شنباڻي مختيار شنباڻي قلندر بخش شنباڻي ۽ ٻين هٿيارن جي زور تي روڪي ڪيس رڪشان مان لاهي پسٽل جون ٽي گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪري فائرنگ ڪندا نارا هڻندا آساني سان فرار ٿي ويا شاهه لطيف پوليس کي اطلاع بعد ٽين ڪلاڪن ڪان پوءِ پهچي محمد صالح کي سول اسپتال پهچايو سيني ۾ گوليون لڳڻ سبب زخمن جا صور نه سهندي وفات ڪري ويو 7 ست ڏينهن گذرڻ باوجود قاتل بااثر هجڻ ڪري شاهه لطيف پوليس گرفتار نه ڪيا آهن هن وقت تائين پوليس ڪک پڇي بيٺو ته ڪيو آهي قاتل روز اسان کي فون ڪري ڌمڪيون ڏين ٿا ۽ چون ٿا ته توهان جي ڳوٺ مان هر هفتي ۾ جنازو نڪرندو لحاظ الدين شنباڻي وڌيڪ چيو ته ڪاروائي ڪري منهنجي ڀائيٽي محمد صالح شنباڻي جا قاتل گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏني وڃي اسان کي ڪجهه به ٿيو ان جو زميوار ايس ايڇ او شاهه لطيف خيرپور ۽ ايس ايس پي خيرپور هوندا اسان ڊي آءِ جي سکر آءِ جي سنڌ هائي ڪورٽ چيف جسٽس آف پاڪستان کان مطالبو ٿا ڪريون ته نوٽيس وٺي مرحوم محمد صالح شنباڻي جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن ٻئي صورت ۾ ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاجي ڌرڻو هڻنداسين

بقايا سنڌيار 32

خان جي حڪم تي ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ فضل محمد شيخ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر ميرغلام سرور چاچڙ ضلعي اڪائونٽ آفيس ڊي سي آفيس ۾ کلي ڪچهري ڪري متاثر ماڻهن جا مسئلا ٻڌا ۽ حل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ فضل محمد شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان هتي کليل ڪچهري لڳائي ماڻهن جا مسئلا ٻڌا ۽ حل ڪيا ٽوٽل ست ڪمپليمنٽ نوٽ ٿيون جنهن مان چار تي حل ڪيون ۽ ٽي مٿي موڪليون ويون آهن هن چيو ته ميڊيا جي تسلسل سان عوام کي گذارش ڪندس ته هر ٻئي مهيني کليل ڪچهري لڳائي ويندي آهي اوهان پنهنجا مسئلا کڻي اچو اهي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا ٻي پاسي ان موقعي تي مختلف کاتن جي ملازمن ميڊيا سان ڳالهائيندي دانهون ڪيون آهن ته اڪائونٽ آفيسر غلام سرور چاچڙ ۽ سرفراز اعوان رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب هو ڪيترن ئي مهينن کان اڪائونٽ آفيس جا ڌڪا کائڻ تي مجبور آهن جڏهن ته هن کي صبح کان شام تائين انتظار ڪرڻ باوجود ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ سان ملڻ نه ڏنو ويو آهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته جڏهن کان اڪائونٽ آفيس ۾ غلام سرور چاچڙ ۽ سرفراز اعوان کي مقرر ڪيو ويو آهي هنن رشوت جون سڀ حدون اورانگهي ڇڏيون آهن هنن صوبائي محتسب اعليٰ کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته ڪرپشن جي ماسٽر مائينڊ سرفراز اعوان کي فوري طور تي هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪيا وڃن.

بقايا سنڌيار 33

اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. ان موقعي تي هن ڊسٽرڪٽ اٽارني پبلڪ پراسيڪيوٽر کي هدايت ڪندي چيو ته عمرڪوٽ ضلعي جي سمورن کاتن جي آفيسرن سان سهڪار ڪيو وڃي ۽ مختلف ڪورٽن ۾ هلندڙ سرڪاري ڪيسن جي پيروي ڪئي وڃي ۽ ان موقعي تي هن سمورن کاتن جي عملدارن کي هدايتون ڏيندي چيو ته سمورن ڪيسن ۾ وقت سر جواب داخل ڪرايو وڃي، هن چيو ته ڪنهن به سرڪاري عمارت تي قبضوٿيل هجي ته فوري طور تي لاڳاپيل آفيسر اينٽي انڪروچمينٽ سيل کي لکت ۾ درخواست داخل ڪرائي وڃي، ان موقعي تي اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سون سهيل احمد سومرو، ايس ايس پي اعجاز احمد شيخ، چئن تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنر، مختيارڪارز، ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر عمرڪوٽ محمد عالم سومرو، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر، ڊي او تعليم بلاول ڪنير، ايڪس اين بلڊنگ، ايس اي ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ڊي ايس پي سميت ٻين مختلف کاتن جي آفيسرن پاران پنهنجن پنهنجن کاتن جي مختلف ڪورٽن ۾ هلندڙ ڪيسن جي باري ۾ تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر پاران سمورن کاتن جي عملدارن کي هدايتون ڏيندي چيو ته سمورا آفيسر پنهنجن ڪيسن جا تفصيل جلد کان جلد ڊپٽي ڪمشنر آفيس موڪلين. هن وڌيڪ چيو ته ڊسٽرڪٽ ليٽيگيشن ڪميٽي کي وڌيڪ فعال ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 34

ايجوڪيشن آفيسر ميل جي جڳهن تي فيميل تعلقه ايجوڪيشن آفيسرس جون بدليون ڪرائڻ ،سنئيرفيميل ٽيچرس کي رشوت نه ڏيڻ تي سٽي سکر مان ٻهراڙين واري ايريا ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ رشوت ڏيڻ وارن جونيئر ٽيچرس کي من پسند جڳهن تي مقرر ڪرڻ جو انڪشاف سکر ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيس جي ڪلرڪس رشوت عيوض پنهنجي مرضي جو پروپوزل ناهي مقرريون ڪرائڻ جو به انڪشاف خبر موجب سکر ڊائريڪٽر آفيس ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيس سنڌ سيڪريٽريٽ جي سيڪشن آفيسر 2 پاران رشوت عيوض ڪيترن ئي جونيئر استاد ۽ ماسترياڻيون کي من پسند جڳهن تي هيڊ مسٽريس ۽ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر طور مقرر ڪرايو وڃي ٿو ۽ رشوت نه ڏيندڙن سينيئر ٽيچرس کي شهر کان ٻاهر ٻهراڙين جي بند اسڪولن ۾ مقرر ڪري ذهني ڊپريشن جو مريض بنائي ڇڏيو آهي ذرائع جي مطابق سکر ڊائريڪٽر ايجوڪيشن آفيس ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيس جا ڪلرڪس ڊويزن ۽ ضلعي اندر مقرريون ڪرائڻ جا من پسند ريٽ رکي ڇڏيا آهن جيڪي تعلقه آفيسر اهي ريٽ ڏيندا ته انهن کي من پسند سٽي جڳهن تي مقرر ڪرايو ويندو آهي ذرائع مطابق هڪ با اثر جونيئر فيميل هيڊ مسٽريس کي رشوت عيوض 3 مهينن اندر پسند جا 5 دفعه آرڊر ڪرايا ويا آهن جيڪا هاڻي نيو تعلقه سکر جي تعلقه ايجوڪيشن آفيسر طور مقرر آهي سياسي سماجي اڳواڻن رشيد ڪلهوڙو حميد چنڊ عمران شاهه ۽ مظفر جاگيراڻي سخت لفظن ۾ مزمت ڪندي سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس محمد باقر سيڪريٽري سنڌ تعليم کاتو ڊائريڪٽر جنرل نيب سکر ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن سنڌ ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن سکر ۽ ٻين بالا آفيسران کي اپيل آهي ته اهڙن ڪرپٽ راشي عملدارن جي خلاف سخت ڪاراواني ڪري انهن جي خلاف ڪيس داخل ڪرايا وڃن ته جيئن ٻيو ڪو به اهڙي ڪرپشن ڪرڻ کان پاسو ڪري ۽ بهترين استادن کي ميرٽ جي بنيادن تحت مقرر ڪيو وڃي ته جيئن تعليم جو نظام بهتر نموني هلي سگهي

بقايا سنڌيار 35

ريلي سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل دادو جي اڳواڻ غوث جهتيال اياز ٻرڙو رحمان قمبراڻي سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل تعلقي دادو جي صدر ڪامران ڪوراڻي دادو پريس ڪلب جي صدر صابر علي پنڊ سينيئر صحافين ولي چانڊيو ولي محمد لنڊ سرور جلال سولنگي عدل مهيسر آزاد بلوچ سميت سول سوسائٽي جي نمائندن مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي عورت اڳواڻن ضلع ڪائونسل دادو جي ميمبر پ پ پ اڳواڻ حسينه لغاري ارم عباس سولنگي روزينه جتوئي وفدن جي صورت ۾ احتجاجي ريلي ۾ شرڪت ڪئي صحافي جان محمد مهر جي قتل واقعي تي دادو جي باشعور ماڻهن ڀرپور احتجاج ڪيو قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪندي جڏهن احتجاج ڪندڙ سوين ماڻهو ايس ايس پي چونڪ تي ڪجهه دير لاءِ ڌرڻو هنيو ته انڊس هاءِ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي بعد ۾ احتجاج ڪندڙ سوين مظاهرين جڏهن دادو پريس ڪلب پهتا ته مظاهرو وڏي احتجاجي ميڙاڪي ۾ تبديل ٿي ويو ان موقعي تي دادو جي سياسي سماجي ڪاروباري مذهبي جماعتن سميت صحافتي تنظيمن جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي نامياري جاڪوڙي بيباڪ بهادر صحافي جي قتل واقعي کي 10 ڏينهن گذري ويا آهن بزدل قاتلن کي سنڌ پوليس گرفتار ڪري نه سگهي آهي سکر ايس ايس پي سنگهار ملڪ کي هٽايو وڃي قاتلن جي گرفتاري تائين سڄي سنڌ سراپا احتجاج آهي سنڌ ۾ صحافين کي ڪوبه تحفظ نه آهي قلم ڌڻين کي سچ لکڻ تي خون ڪيو وڃي پيو سنڌ ۾ ٿورڙي عرصي اندر ڪيترائي صحافي قتل ڪيا ويا آهن ڪيترن صحافين کي مارڻ جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن حڪومت وٽ صحافين جي تحفظ لاءِ جوڳا انتظام نه آهن جنهن ڪري روزانو ڪنهن نه ڪنهن ماءُ جي جهولي خالي ڪئي پئي وڃي قاتلن کي کلي ڇوٽ ڏني وئي ته اهي قلم ڌڻين کي کلي عام شهرن ۾ مارين اجوڳي احتجاج ۾ شريڪ هر مڪتب فڪر جي ماڻهن صحافين جي تحفظ جي گهر ڪري ڇڏي هر مڪتب فڪر جي ماڻهن جي احتجاجي ريلي ۾ شرڪت ان ڳالهه جوچٽو ثبوت آهي ته شهيد صحافين جي قاتلن کي گرفتار ڪري ڪيفرڪردار سزا ڏني وڃي مظاهرين جي هٿن ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي تصويرن جا بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا دادو سميت مختلف شهرن ميهڙ ڪي اين شاهه ڪڪڙ نئون ڳوٺ راڌڻ سيتاروڊ ڦلجي اسٽيشن خانپور خدا آباد واهي پانڌي جوهي هيرو خان سميت دادو ضلعي مختلف شهرن جي صحافين سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي ساٿين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي ۾ سڪيورٽي جا انتظام دادو پوليس پاران سرانجام ڏنا ويا

ريلي سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل دادو جي اڳواڻ غوث جهتيال اياز ٻرڙو رحمان قمبراڻي سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل تعلقي دادو جي صدر ڪامران ڪوراڻي دادو پريس ڪلب جي صدر صابر علي پنڊ سينيئر صحافين ولي چانڊيو ولي محمد لنڊ سرور جلال سولنگي عدل مهيسر آزاد بلوچ سميت سول سوسائٽي جي نمائندن مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي عورت اڳواڻن ضلع ڪائونسل دادو جي ميمبر پ پ پ اڳواڻ حسينه لغاري ارم عباس سولنگي روزينه جتوئي وفدن جي صورت ۾ احتجاجي ريلي ۾ شرڪت ڪئي صحافي جان محمد مهر جي قتل واقعي تي دادو جي باشعور ماڻهن ڀرپور احتجاج ڪيو قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪندي جڏهن احتجاج ڪندڙ سوين ماڻهو ايس ايس پي چونڪ تي ڪجهه دير لاءِ ڌرڻو هنيو ته انڊس هاءِ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي بعد ۾ احتجاج ڪندڙ سوين مظاهرين جڏهن دادو پريس ڪلب پهتا ته مظاهرو وڏي احتجاجي ميڙاڪي ۾ تبديل ٿي ويو ان موقعي تي دادو جي سياسي سماجي ڪاروباري مذهبي جماعتن سميت صحافتي تنظيمن جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي نامياري جاڪوڙي بيباڪ بهادر صحافي جي قتل واقعي کي 10 ڏينهن گذري ويا آهن بزدل قاتلن کي سنڌ پوليس گرفتار ڪري نه سگهي آهي سکر ايس ايس پي سنگهار ملڪ کي هٽايو وڃي قاتلن جي گرفتاري تائين سڄي سنڌ سراپا احتجاج آهي سنڌ ۾ صحافين کي ڪوبه تحفظ نه آهي قلم ڌڻين کي سچ لکڻ تي خون ڪيو وڃي پيو سنڌ ۾ ٿورڙي عرصي اندر ڪيترائي صحافي قتل ڪيا ويا آهن ڪيترن صحافين کي مارڻ جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن حڪومت وٽ صحافين جي تحفظ لاءِ جوڳا انتظام نه آهن جنهن ڪري روزانو ڪنهن نه ڪنهن ماءُ جي جهولي خالي ڪئي پئي وڃي قاتلن کي کلي ڇوٽ ڏني وئي ته اهي قلم ڌڻين کي کلي عام شهرن ۾ مارين اجوڳي احتجاج ۾ شريڪ هر مڪتب فڪر جي ماڻهن صحافين جي تحفظ جي گهر ڪري ڇڏي هر مڪتب فڪر جي ماڻهن جي احتجاجي ريلي ۾ شرڪت ان ڳالهه جوچٽو ثبوت آهي ته شهيد صحافين جي قاتلن کي گرفتار ڪري ڪيفرڪردار سزا ڏني وڃي مظاهرين جي هٿن ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي تصويرن جا بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا دادو سميت مختلف شهرن ميهڙ ڪي اين شاهه ڪڪڙ نئون ڳوٺ راڌڻ سيتاروڊ ڦلجي اسٽيشن خانپور خدا آباد واهي پانڌي جوهي هيرو خان سميت دادو ضلعي مختلف شهرن جي صحافين سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي ساٿين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي ۾ سڪيورٽي جاانتظام دادو پوليس پاران سرانجام ڏنا ويا ريلي سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل دادو جي اڳواڻ غوث جهتيال اياز ٻرڙو رحمان قمبراڻي سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل تعلقي دادو جي صدر ڪامران ڪوراڻي دادو پريس ڪلب جي صدر صابر علي پنڊ سينيئر صحافين ولي چانڊيو ولي محمد لنڊ سرور جلال سولنگي عدل مهيسر آزاد بلوچ سميت سول سوسائٽي جي نمائندن مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي عورت اڳواڻن ضلع ڪائونسل دادو جي ميمبر پ پ پ اڳواڻ حسينه لغاري ارم عباس سولنگي روزينه جتوئي وفدن جي صورت ۾ احتجاجي ريلي ۾ شرڪت ڪئي صحافي جان محمد مهر جي قتل واقعي تي دادو جي باشعور ماڻهن ڀرپور احتجاج ڪيو قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪندي جڏهن احتجاج ڪندڙ سوين ماڻهو ايس ايس پي چونڪ تي ڪجهه دير لاءِ ڌرڻو هنيو ته انڊس هاءِ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي بعد ۾ احتجاج ڪندڙ سوين مظاهرين جڏهن دادو پريس ڪلب پهتا ته مظاهرو وڏي احتجاجي ميڙاڪي ۾ تبديل ٿي ويو ان موقعي تي دادو جي سياسي سماجي ڪاروباري مذهبي جماعتن سميت صحافتي تنظيمن جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي نامياري جاڪوڙي بيباڪ بهادر صحافي جي قتل واقعي کي 10 ڏينهن گذري ويا آهن بزدل قاتلن کي سنڌ پوليس گرفتار ڪري نه سگهي آهي سکر ايس ايس پي سنگهار ملڪ کي هٽايو وڃي قاتلن جي گرفتاري تائين سڄي سنڌ سراپا احتجاج آهي سنڌ ۾ صحافين کي ڪوبه تحفظ نه آهي قلم ڌڻين کي سچ لکڻ تي خون ڪيو وڃي پيو سنڌ ۾ ٿورڙي عرصي اندر ڪيترائي صحافي قتل ڪيا ويا آهن ڪيترن صحافين کي مارڻ جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن حڪومت وٽ صحافين جي تحفظ لاءِ جوڳا انتظام نه آهن جنهن ڪري روزانو ڪتا اهي قلم ڌڻين کي کلي عام شهرن ۾ مارين اجوڳي احتجاج ۾ شريڪ هر مڪتب فڪر جي ماڻهن صحافين جي تحفظ جي گهر ڪري ڇڏي هر مڪتب فڪر جي ماڻهن جي احتجاجي ريلي ۾ شرڪت ان ڳالهه جوچٽو ثبوت آهي ته شهيد صحافين جي قاتلن کي گرفتار ڪري ڪيفرڪردار سزا ڏني وڃي مظاهرين جي هٿن ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي تصويرن جا بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا دادو سميت مختلف شهرن ميهڙ ڪي اين شاهه ڪڪڙ نئون ڳوٺ راڌڻ سيتاروڊ ڦلجي اسٽيشن خانپور خدا آباد واهي پانڌي جوهي هيرو خان سميت دادو ضلعي مختلف شهرن جي صحافين سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي ساٿين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي ۾ سڪيورٽي جاانتظام دادو پوليس پاران سرانجام ڏنا ويا

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر،
ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ٽي. ايم. خان

No.TC/G-55 (EWD)/ 4130 / OF 2022 T.M.KHAN, Dated: 21.08.2023
Email: xenewd.tandomohdkhan@gmail.com

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ٽي. ايم. خان پاران دلچسپي رکندڙ ڪانٽريڪٽر فرم کان مهربند واڪ/ٽينڊرز ڪمپوزٽ شيڊيول آف ريٽ (CSR) 2012 تحت هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ گهرائجن ٿا.

سيريل نمبر	اسڪيم جو نالو/ڪم	تعلقو	ڪٿيل لاڳت ملين روپين ۾	بڊ سيڪيورٽي ملين روپين ۾ (ڪال ڊپازٽ مان)	تڪميل جو مدو	واڪ دستاويز في روپين ۾
	اي ڊي پي _252 ڊسٽرڪٽ ٽنڊو محمد خان ۾ شيلٽر ليس پرائمري اسڪول (02 يونٽس) جي بلڊنگس جي تعمير					
1	جي بي پي ايس خير محمد مگسي _II	ٽي.ايم خان	19.383	0.969	09 مهينا	1500
	اي ڊي پي _320 موجوده پرائمري اسڪول (SDG#4) ۾ ابتدائي ٻارن جي تعليم جي لاءِ ڪلاس رومن جي تعمير					
2	جي بي پي ايس مين ٽنڊو محمد خان	ٽنڊو محمد خان	2.600	0.130	09 مهينا	1500
3	جي جي پي ايس باقر نظاماڻي	ٽنڊو محمد خان	2.603	0.130	09 مهينا	1500
4	جي جي ايڇ ايس بلڙي شاهه ڪريم	بي ايس ڪريم	2.663	0.133	09 مهينا	1500
	اي ڊي پي _206 هاءِ انرولمينٽ ڊينجرس پرائمري/ايليمينٽري اسڪولز ۽ گر ٿيل سهولتن جي فراهمي/ ٻيهر تعمير/ ريهيبليٽيشن					
5	جي بي پي ايس عثمان زنئور	ٽنڊو محمد خان	6.397	0.320	09 مهينا	1500
	تعلقا ۽ ڊسٽرڪٽ ٽنڊو محمد خان جي اسڪول بلڊنگ جي تعمير					
6	جي جي ايڇ ايس باقر نظاماڻي	ٽنڊو محمد خان	7.917	0.396	12 مهينا	1500
	تعلقه ۽ ڊسٽرڪٽ ٽنڊو محمد خان جي اسڪول بلڊنگ جي تعمير					
7	جي بي پي ايس مين پرائمري ٽنڊو محمد خان	ٽي.ايم. خان	15.485	0.774	12 مهينا	1500
	لا ڪاليج ٽنڊو محمد خان جي تعمير (انڊر پروڊڪشن بونس فنڊن تحت).					
8	اڪيڊمڪ بلاڪ (فرسٽ فلور)	ٽي.ايم. خان	20.010	1.001	12 مهينا	1500
	اي ڊي پي _730 موجوده پرائمري/ايليمينٽري/مڊل/هاءِ اسڪولن ۾ پيئڻ جي پاڻي/واش رومن ۽ ڪمپائونڊ وال جي فراهمي (SDG#4)					
9	جي بي ايڇ ايس سعيد پور	بي.ايس ڪريم	3.388	0.169	09 مهينا	1500

2. اهليت:
i) 24_2023 جي صحيح رجسٽريشن پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ (سواءِ 4.00 ملين ريين تائين جي ڪمن جي).
ii) فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) فائلر يا نان فائلر اسٽيٽس/ (NTN) سان رجسٽريشن.
iii) سنڌ روينيو بورڊ (SRB) ۾ رجسٽريشن...
3. قابليت:
i. ساڳئي ڪمن جي فهرست جنهن جي خرچ هيٺ ڏنل آهي (03) ٽن سالن ۾.
ii. فرم جي مالي صلاحيت لازمي طور تي بينڪ مان جاري ڪئي وڃي. 03 سالن تائين ڪم جي تخميني قيمت جي هر سال 100٪ ٽرن اوور جي تصديق ڪندي.
iii. گذريل مالي (02) ٻن سالن لاءِ فعال انڪم ٽيڪس موٽڻ.
iv. فرم جي حوالي سان حلف نامو/ انٽريٽنگ نه ته بليڪ لسٽ ڪئي وئي آهي ۽ نه ئي ڪنهن عدالتي ڪيس/ ڪنهن سرڪاري کاتي سان مقدمي ۾ ملوث آهي.
4. خريداري جو طريقو: سنگل اسٽيج/سنگل انويلپ
5. بڊنگ/ٽينڊر دستاويز/ جاري ڪيل:
خواهشمند شرڪت ڪندڙ 12.09.2023 تائين آفيس جي ڪلاڪن دوران الڳ الڳ هر ڪم جي بلڊنگ دستاويز جاري ڪرڻ جي مقصد لاءِ هيٺ ڏنل درج ٿيل دستاويزن/ضرورتن سان گڏ ٽينڊرز جي اشاعت / اشاعت جي تاريخ کان هيٺ دستخط ٿيل آفيس ۾ پنهنجون درخواستون جمع ڪرائي سگهن ٿا. بڊنگ دستاويزن جي فيس جي ادائگي کان سواءِ ڪو به بلڊنگ دستاويز فراهم نه ڪيو ويندو جيڪو پي آرڊر جي شڪل ۾ هوندو يا هر ڪم لاءِ جمع رسيدن جي شڪل ۾ هوندو.
i) کولڻ:
بوليون 13.09.2023 تي 2:00 وڳي تائين وصول ڪيون وينديون ۽ ساڳئي ڏينهن 3:00 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ بولي ڏيندڙ يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا جيڪي ان موقعي تي پيش ڪرڻ چاهيندا.
(ii) غير جوابي ٽينڊرز: ٻيهر جاري ڪيا ويندا جمع ٿيل / کوليل تاريخن تي.
ٻي ڪوشش: (a) جاري ٿيڻ جي تاريخ 14.09.2023 کان 25.09.2023 تائين.
(b) جمع ڪرائڻ جي تاريخ 26.09.2023 تائين 2:00 وڳي بِڊز ساڳي تاريخ تي 3:00 وڳي تي کوليا ويندا.
(iii) جاري ڪرڻ، جمع ڪرائڻ، ٻچا ڳاڇا ۽ افتتاح جي جاءِ هوندي:_
(iv) ايڊريس: آفيس آف ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن، ٽي ايم خان.
اي ميل xen.ewd.tandomohdkhan@gmail.com
فون نمبر 0223342607
(v) ان صورت ۾ جيڪڏهن حڪومت جي هينان دستخط ٿيل بوليءَ جي شروعات جي تاريخ تي عام موڪل جو اعلان ڪري ٿو/ٽينڊر واپس وصول ڪيا ويندا ۽ ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي کوليا ويندا جيئن ذڪر ڪيل وقت تي.
6. شرط ۽ ضابطا:
هيٺ ڏنل شرطن جي بل کي رد ڪيو ويندو:
(i) مشروط اليڪٽرانڪ ۽ ٽيليفونڪ بوليون/ٽينڊرز
(ii) مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ حاصل ڪيل بوليون.
(iii) بليڪ لسٽ ڪمپنيون.
واڪ جو ڪارگر مدو 90 (نوي) ڏينهن
7. پروڪيورنگ ايجنسي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ جي لاڳاپيل شقن سان مشروط سمورين يا ڪنهن به بلن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر،
ايجوڪيشن ورڪس
ڊويزن ٽي. ايم. خان

INF/KRY#3769/2023

پڙهندي سنڌ ته ...... وڌندي سنڌ